# مِعراجُ النّبیؐ صلی اللہ علیہ وسلم



مصنف

غلام حسين "مشتاق" ٻچاروي

سروات پبليڪيشن

ٻچاروي هائوس، A-11 جي او آر ڪالوني
حيدرآباد، سنڌ

# سَچاروي غلام حسين ”مشتاق“

سنڌ جي سونهاري سر-زمين جي مردم خيز خطي ڀاٽ شريف جي ڀاڙي ۾ ڳوٺ شهداد خان براهيمائي ۾ غلام حسين ولد رئيس ڀڳو خان ١٠ مئي ١٩٣٧ء تي پيدا ٿيو. پنجن سالن جي عمر ۾ والد ماجد جي سايهٔ شفقت جي محرومي بعد والده ماجده جي شفقتن ۾ پرورش پاتي، پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪري سنڌي فائينل امتيازي نمبرن سان پاس ڪئي. سنڌيونيورسٽي حيدرآباد مان ايم اي عربي (گولڊ ميڊل، سلور ميڊل) ايم اي اردو، ۽ ايل ايل بي فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن ۾ پاس ڪئي. درس نظامي جو فارغ تحصيل، عربي فارسي جو عالم فاضل آهي. ڏهه سال هاءِ اسڪول ۽ ڪاليجن ۾ استاد رهيو. ١٩٦٨ع کان ١٩٧٨ع تائين پاڪستان آرمي ۾ ڪيپٽن جي عهدي تان ميڊيڪل گرائونڊ تي رٽائر ٿيو. انهيءَ دوران فيڊرل ايجوڪيشن منسٽري ۾ اسسٽنٽ ايجوڪيشنل ايڊوائيزر ۽ فارين اسٽوڊنٽ ايڊوائيزر طور ڊيپوٽيشن تي ڪم ڪيو. ڏهه سال ميرپور خاص ۾ فرسٽ ڪلاس اعزازي مئجسٽريٽ رهيو. انهيءَ دوران سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ميرپورخاص، فاران ڪلب انٽرنيشنل ميرپورخاص، لطيف ڪائونسل روٽري ڪلب ميرپور خاص ڊسٽرڪٽ ڊس ايبلڊ ۽ ريهيبليٽيشن سينٽر ميرپور خاص ۽ هلال احمر جهڙن ادارن جو صدر ۽ جنرل سيڪريٽري به رهيو. پبلڪ اسڪول ميرپورخاص جي بورڊ آف ڊائريڪٽرس جو ميمبر ۽ ڪيترين ئي سماجي تنظيمن جو روح روان رهيو. ١٩٨٨ع کان ١٩٩٨ع تائين روزانه سرواڻ جي باني چيرمين چيف ايڊيٽر ۽ پبلشر طور ڪم ڪيو. سال ١٩٨٠ع کان ماتحت عدليه ۽ ١٩٩٠ع کان عدالتِ عاليه جو ايڊوڪيٽ آهي. پندرهن سالن جي ڄمار ۾ قلم سان ناتو جوڙي شاعري شروع ڪئي. تحرير ۽ تقرير ۾ خداداد صلاحيتن جو ڀرپور اظهار ڪيو. سندس قلمي پورهئي ۾ جامِ ڪوثر، آبِ ڪوثر، موتي مٺيادار، اکر اکر عشق، موتي مرجان، گلزارِ حبيب، سوزو ساز جا نغما، صحيفهٔ عشق، سنڌي، سرائڪي، اردو، عربي ۽ فارسي شاعري جا نادر نمونا آهن. نثر ۾ آدابِ رسول الله ﷺ، معراج النبي ﷺ، حضرت علي رضي الله عنه جو نظامِ حڪومت، لوائح جامي جو منظوم ۽ نثري ترجمو ”اسلامي تصوف“ جهڙا ڪتاب سندس علمي ادبي خدمتن جو ثبوت آهن. انجمن آفتابِ ادب حيدرآباد جي جنرل سيڪريٽري طور فرائض سرانجام ڏيڻ ۽ علمي ادبي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺڻ تاحال جاري آهي. سندس رفيق حيات ايم اي پوليٽيڪل سائنس آهي ۽ اولاد ۾ پروفيسر ڊاڪٽر طٰحٰہ حسين علي مهران يونيورسٽي آف انجنئرنگ ڄام شورو ۾ پروفيسر ۽ رجسٽرار آهي. ڊاڪٽر سعد حسين پٽ ۽ ڊاڪٽر سمن منگريو نياڻي ٻئي برطانيه ۾ ميڊيڪل ڊاڪٽر آهن. پاڻ سنڌ جي عظيم شهر حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي. شاعري ۾ پهريائين ”لاغر“ بعد ۾ ”مشتاق“ سچاروي جي نالي سان تخلص لکندو اچي. غزل ۽ نعت سندس محبوب موضوع آهن. تاحال قلمي پورهيو جاري آهي. الله ڪري زور قلم اور زياده.

# مِعراجُ النَّبیؐ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم

مصنف

غلام حسین "مشتاق" سچاروي

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : معراج النبي ﷺ |
| مؤلف | : غلام حسين ”مشتاق“ سچاروي |
| ڪمپوزنگ | : السنڌ ڪمپوزرس، هاشمي ڪالوني لطيف آباد نمبر ۴ حيدرآباد، فون: |
| ڇپيندڙ | پاڪيزه پرنٽنگ پريس نزد عبرت پريس گاڏي ڪاتو حيدرآباد Ph: 022-2720642 |
| قيمت | : ۸۰-۰۰ روپيه |
| سال طبع | : ۲۰۱۲ء |
| تعداد | :۱۰۰۰ |
| ناشر | : سرواڻ پبليڪيشن A_11 سچاروي هائوس جي او آر ڪالوني حيدرآباد سنڌ |

فون: 022- 2781712

موبائيل: 0300- 9371724

# فهرست


| نمبر شمار | عنوان | صفحه نمبر |
|---|---|---|
| ١ | پيش لفظ | ٤ |
| ٢ | تقريظ<br>حضرت مولانا عبدالوهاب چاچڙ | ٨ |
| ٣ | تقريظ<br>حضرت علامه ابوالفيض مفتي عبدالرحمٰن ٽنوي | ١٠ |
| ٤ | معراج جي تعريف | ١١ |
| ٥ | معراج ڪڏهن ٿيو | ١٣ |
| ٦ | معراج ڪهڙي هنڌ کان ٿيو | ١٥ |
| ٧ | معراج جو پس منظر | ١٦ |
| ٨ | معراج جي قصي جو قريش تي اثر | ١٧ |
| ٩ | معراج جو واقعو | ١٩ |
| ١٠ | معراج بيت المقدس کان ڇو؟ | ٤١ |
| ١١ | معراج بابت چند احاديث مباركه جو ذكر | ٤٨ |

# پيش لفظ

الله رحمٰن رحيم ۽ رب العالمين جتي پنهنجي مخلوق جي زنده رهڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ لاءِ سندن طبعي ضرورتن جي سموري ساز وسامان جو اهتمام ڪيو آهي، اتي اشرف المخلوقات انسان ذات جي طبعي ضرورتن جي پورائي سان گڏ سندس روحاني رهنمائي جو بہ مڪمل نظام قائم ڪيو آهي. جنهن لاءِ وقت بوقت پنهنجي نبين، رسولن ۽ ڪتابن جي ذريعي حضرت آدم عليه السلام کان وٺي نبي آخـر الزمان حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ تائين اهو نظام لڳاتار جاري ساري رهيو آهي. خدا جا نبي ۽ رسول خدا جا خاص چونڊيل ۽ برگزيده نمائندا هوندا آهن. جيڪي عام انسانن کان نبوت ۽ رسالت جي نهايت اعليٰ مقام تي فائز هوندا آهن. خداوند ڪريم کين انسانن جي هدايت ۽ رهبري جو نهايت اهم ۽ پاڪيزه فريضو سر انجام ڏيڻ لاءِ موڪليندو آهي ۽ کين پنهنجي پنهنجي دور جي ماڻهن پاران سندن راه ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ سيني مسئلن جي حل جو علم ۽ اعجاز عطا ڪندو آهي. جنهن کي عام لفظن ۾ "معجزو" بہ سڏيو ويندو آهي. قرآن حڪيم ۾ اهڙن معجزن جو ڪافي جاين تي ذڪر ڪيو ويو آهي. مثال طور موسيٰ عليه السلام کي نَوَ معجزا ڏنا ويا. ﴿وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسٰى تِسْعَ اٰيٰتٍ بَيِّنٰتٍ﴾ (سوره بني اسرائيل آيت:١٠١) جن ۾ عصا ۽ يدبيضا جا معجزا سرفهرست آهن. اهڙي طرح حضرت عيسيٰ عليه السلام کي الله جي اذن سان ڪوڙهيل ماڻهن کي تندرست ڪرڻ، نابينا کي بينائي بخشڻ، مئل کي زنده ڪرڻ ۽ پرندي جي شڪل ۾ بوتو ٺاهي، ان ۾ ڦوڪ هڻي جان وجهڻ جهڙا معجزا ڏنا. حضرت يوسف عليه السلام کي خوابن جي تعبير جو علم عطا ڪيو. حضرت يعقوب عليه السلام کي، حضرت يوسف عليه السلام جي ڪپڙي جي خوشبوءِ کي ڪوهين دور پنڌ تي محسوس ڪرڻ جو معجزو عطا ڪيو. حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ ٻين سمورن نبين کي پنهنجي پنهنجي دور جي

حالتن ۽ نزاڪتن کان آگاهي جو علم، معجزاتي طور ڏنو. اسان جي پياري نبي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جو زمانو انسانيت جي بلوغت واري دور ۾ داخل ٿي چڪو هو ۽ هن دور سان انسان لاءِ آسمانن تي ڪمند وجهڻ ۽ بحر وبر، ڪوه ودمن جي عجائب ۽ غرائب کان آگاهي جو دور شروع ٿي ويو هو. ان ڪري کين نہ رڳو وقتي، پر ابدي معجزن سان نوازيو ويو. قرآن حڪيم جو پاڪ ڪريمن ﷺ تي نزول، هن دنيا جي آخري گهڙين تائين جو زنده جاويد معجزو آهي. جيڪو هر دور جي انسان جي لاءِ هڪ کليو چيلينج آهي تہ جيڪڏهن هن ڪتاب جي الله پاران نازل ٿيڻ ۾ ڪو شڪ آهي تہ هن جهڙي هڪڙي آيت ٺي پيش ڪيو. هن عظيم ۽ زنده جاويد معجزي کان علاوه پاڪ ڪريم ﷺ جن کي معراج تي ﴿مَلَكُوتَ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ﴾ جو ذاتي مشاهدو ڪرائڻ، جنت ۽ دوزخ، جزا ۽ سزا جو سمورو احوال سندن اکين مبارڪن آڏو آڻڻ، زمين ۽ آسمانن جي ڳجهن رازن کان آگاهي ڏيڻ وارو معجزو پڻ قرآن ۾ ﴿سُبْحٰنَ الَّذِيْٓ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ﴾ جهڙن عجيب انداز جي الفاظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. شق القمر يعني چنڊ جو ٻہ اڌ ٿي پوڻ، سندن سرمبارڪ مٿان گرمي جي موسم ۾ بادل جو موجود هجڻ، وڻ جو سندن حڪم تي پنهنجي ٿڙ ۽ ٽارين سان سندس بارگاه ۾ حاضر ٿيڻ، غار ثور ۾ ڪوريئڙي پاران ڄار اڻڻ ۽ ڪبوتري پاران جلديءَ ۾ آکيرو ٺاهي آنا لاهي ان تي لامارا ڏيڻ، جنهن سبب ڪافرن جو غار ثور جي دروازي تي پهچڻ جي باوجود خدا جي حفاظت سبب سندن ذات گرامي تائين پهچي نہ سگهڻ، ننڊ جي دوران بہ سندن اکين مبارڪ جو ننڊ ۾ غافل نہ ٿيڻ، ڪيترن بيمار ۽ مرگهيءَ جي سٽيل ماڻهن تي هٿ ڦيري کين تندرست ڪرڻ، جنگ بدر ۾ پٿرين جو سندن هٿ مبارڪ مان نڪري ڪافرن تي تير ۽ تفنگ تي نشانا ڪرڻ، قحط ۽ سوڪهڙي واري سال کي وسڪاري ۽ خوشحالي واري دور ۾ بدلڻ جهڙا ڪيترائي معجزا وقت بوقت ظاهر ٿيندا رهيا. معجزن جو ظهور انبياء ڪرام عليهم السلام جي دور جي

حالتن ۽ ضرورتن مطابق ٿيندو رهيو آهي، جن جو ذڪر هر آسماني ڪتاب، حديثن ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ تفصيل سان موجود آهي، اهڙن عظيم معجزن مان آنحضور ﷺ جن جو رات جي هڪ مختصر عرصي ۾ مسجد حرام (بيت الله) کان مسجد اقصيٰ (بيت المقدس) تائين سير ڪرڻ ۽ اتان ستن آسمانن جو معراج ۽ عرش عظيم تي پنهنجي رب سان راز و نياز ونڊڻ ۽ عالم ملڪوت جو پنهنجين اکين مبارڪن سان مشاهدو ڪرڻ، هڪ اهڙو معجزو آهي، جنهن کي نہ الفاظن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو ۽ نہ وري انساني عقل ۽ حواسن جي ذريعي پروڙي ۽ پرکي سگهجي ٿو. هي عبدالله ۽ الله جو انوکو ميلاپ آهي. جنهن کي قرآن حڪيم، احاديث ۽ سيرت جي ڪتابن تفصيل سان اهڙي تواتر سان بيان ڪيو آهي، جنهن جو انڪار ناممڪن آهي. هن انوکي ۽ عبرت انگيز سير ۽ معراج جو هن ڪتاب "معراج النبي" ﷺ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. معراج النبي جي ڪن نڪتن تي بعض اصحاب ۽ علماء جي درميان اختلاف بہ موجود آهي، پر معراج النبي ﷺ جي هجڻ تي ڪنهن کي بہ شڪ نہ آهي. هن ڪتاب ۾ انهن روايتن کي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي، جن تي اصحاب ڪرام رضوان الله تعاليٰ عليهم مان نهايت معتبر ۽ وڏن اصحابن جو اتفاق آهي، جيڪي روايتون تواتر ۽ ڪثرت سان موجود آهن، انهن سان گڏ انهن اختلافي نڪتن جو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ دليلن سان انهن ڪمزور ۽ ضعيف روايتن کي رد ڪرڻ وارين روايتن جو وضاحت سان ذڪر ڪيو ويو آهي. ان هوندي بہ ڪجھ الجهيل ذهنن کي تواتر، ڪثرت ۽ دليلن سان پيش ٿيل روايتن کي نظر انداز ڪندي ضعيف ۽ ڪمزور روايتن کي بحث برائي بحث طور پيش ڪري، پنهنجي ڪج فهمي تي قائم رهڻ لاءِ رڳو اهو چئي سگهجي ٿو:

عادت ڇڏي نہ عادتي علت مور نہ جا.
جي اٽ پوي ڪٽڪ ۾ تہ بہ ڪندا چڻ چڻ ڪا.

خبر ناهي تہ اهڙن منجهيل ۽ الجهيل ذهنن کي خدا جي قادر مطلق هجڻ تي شڪ آهي يا پاڻ ڪريمن جي سيد الانبياء والمرسلين ﷺ ۽ محبوب خدا هجڻ تي يقين نہ آهي. جيڪڏهن هو پنهنجي اکين تان تعصب ۽ خودنمائي جو چشمو لاهي دل ۽ محبت جي گهراين سان ڏسن تہ سندن سڀ خدشا ۽ خلل دور ٿي وڃن. سنڌ جي ٻن عظيم عالمن مفتي عبدالوهاب چاچڙ سکر ۽ مفتي عبدالرحمٰن صاحب مڪلي ٺٽو هن ڪتاب کي پڙهي پنهنجن ضروري مشورن سان گڏ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي، جيڪا پڻ هن سان گڏ موجود آهي. مون ڪوشش ڪئي آهي تہ معراج النبي ﷺ جهڙي نازڪ مسئلي کي هن ڪتاب ۾ دليلن ۽ مضبوط روايتن سان پيش ڪري پڙهندڙن کي هڪ صاف سٿرو مواد ڏئي سگهان. اميد اٿم تہ الله تعاليٰ منهنجي هن محبت ڀري ڪوشش کي قبول فرمائي، پنهنجي محبوب عليہ الصلوٰة والسلام جي صدقي منهنجين ڪمين ۽ ڪوتاهين کي بخش ڪرڻ فرمائيندو. آمين

محتاج دعا

غلام حسين "مشتاق" سچاروي

A -١١ سچاروي هائوس جي او آر ڪالوني حيدرآباد سنڌ

0300- 9371724

## تقريظ: ١

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

نحمد الله العظيم ونصلي عليٰ رسوله الكريم

اما بعد! الله تعاليٰ هڪ لک چوويهہ هزار ۽ هڪ روايت ۾ ٻہ لک چوويهہ هزار نبي موڪليا. (فرائض الاسلام از حضرت مخدوم معظم ٺٽوي رحمة الله عليه)

انهن مان ٣١٣ رسول بڻيا. هر نبي تي لازم هو تہ اهي پنهنجي نبوت جي دعويٰ ڪن ۽ صداقت لاءِ هر نبيءَ کي معجزا ڏنا ويا.

هر نبي پنهنجي دور جي ڪمالات ۾ مٿانهين درجي جي ڪمال تي پهتل شخصيت رهيو آهي. سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ جن کي سوين معجزا عطا ٿيا. قرآن مجيد جي معجزي عطا ٿيڻ کان علاوه ٻيا جيڪي بہ معجزا آهن، انهن مان مٿانهين درجي جو معجزو اسراء ۽ معراج آهي. سيد المرسلين، خاتم الانبياء ﷺ جنهن دور جا نبي آهن، اهو دور سائنس ۽ انڪشافات جي چوٽي جو دور آهي. انهيءَ دور ۾ سائنسي ترقي پنهنجي عروج تي پهتي هئي، تنهن ڪري سائين جن کي ﴿مَلَكُوتَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ﴾ جو سير ڪرائي، ايندڙ زماني جي سائنسدانن کي چيلينج ڪيو ويو، تہ اوهان ڪهڙيون بہ سواريون ايجاد ڪريو ۽ جتي بہ پهچي سگهو پر جيڪا سواري سيد الانبياء ﷺ استعمال ڪرڻ فرمائي ۽ جتي جتي پاڻ سڳورا ﷺ پهتا، انهيءَ جو اوهان تصور بہ نہ ٿا ڪري سگهو. اهڙي طرح پاڻ پنهنجي دور نبوت جي ڪمالات ۽ ترقيات کان مٿي ۽ وڌيڪ باڪمال رهندا. قيامت تائين ڪوئي اجابت يا دعوت وارو اتي نہ پهچي سگهندو. معراج تي گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي ۽ اڃان بہ لکڻ جي گنجائش آهي. سنڌ جي چوٽي جي دانشور، عالم، اديب ۽ صحافي غلام حسين "مشتاق" سچاروي صاحب معراج جي پهلوئن کي کوليو آهي ۽

اختلاف وارين ڳالهين جو محققانه انداز ۾ تجزيو ڪيو آهي ۽ نرالي طرز ۾ علمي نڪتن کي نروار ڪيو آهي، اهڙي محققانه تصنيف مشتاق صاحب جهڙي مُشتاق کان ئي ٿي پئي سگهي.

مون ڪتاب جو مڪمل مطالعو ڪيو ۽ ڪي ضروري اصلاح به تجويز ڪيا آهن، هن اميد سان تہ مصنف علامه انهن تجويزن کي قبول فرمائيندا. الله تعاليٰ علامه سچاروي کي مزيد علمي ڪم ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين

عبد الوهاب چاچڙ

مدير اعليٰ ماهوار شريعت

وشيخ الحديث و صدر مفتي جامعه عربيه دار العلوم شرعيه روهڙي

## تقريظ: ٢

نحمده ونصلي ونُسلّم عليٰ رسوله الڪريم

اما بعد!

قارئين ڪرام! توهان جي هٿن ۾، اڪين اڳيان ڪتاب "معراج النبي ﷺ" آهي، جنهن کي حضرت غلام حسين متخلص مشتاق سچاروي صاحب جوڙيو آهي. ڪتاب جو موضوع نالي منجهان ظاهر آهي. جيئن تہ مسئله معراج مصطفيٰ ﷺ ادق، عقائد ۽ ايمانيات بابت اهم مسئلو آهي. جنهن جو انڪار خود قرآن جو انڪار آهي، جيڪو سراسر ڪفر آهي، مگر بعض گوشن بابت سلفًا ۽ خلفًا علماء ڪرام جي وچ ۾ محل ڪلام رهيو آهي، پر حضرت سچاروي صاحب ان مسئلي کي سني تحقيق، سهڻي انداز ۾ من موهيندڙ لفظن ۾ علم دوست پائرن جي اڳيان بي بها تحفو رکيو آهي. فقير بعض مقامن ڪان طائرانه نظر وجهڻ جو شرف حاصل ڪيو. ان عنوان تي سندن تحقيق نهايت گهڻو متاثر ڪيو، جنهن لاءِ دعا آهي تہ سندن ڪاوش کي الله تعاليٰ قبول فرمائي. آمين، رحم الله من قال آمين.

ابوالفيض مفتي
عبدالرحمٰن مجددي
ٺٽه

نحمدهٗ و نصلي عليٰ رسوله الڪريم

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

معراج پاڻ ڪريم ﷺ جن جو معجزو آهي، جنهن ۾ رب العزت پنهنجي پياري حبيب کي پاڻ وٽ گهرائي سندس مانَ ۽ مرتبي مطابق آجيان ڪئي ۽ ڪين پنهنجي انمول تحفن ۽ نعمتن سان نوازيو.

**معراج جي تعريف:** معراج عرف عام ۾ ان سير جو نالو آهي، جيڪو حضور ﷺ جن حرمِ مڪه (مسجد الحرام) کان بيت المقدس (مسجد اقصيٰ) ۽ اتان ستن آسمانن تان گذرندي، عرش عظيم پهچي پنهنجي رب سان شرف ملاقات حاصل ڪري وري ساڳئي رستي مڪه معظمه آيا. انهي مبارڪ سير دوران خالق ڪائنات نہ رڳو ڪين عجيب و غريب غيبي حقيقتن جو ذاتي مشاهدو ڪرايو، پر پنهنجي ذات پاڪ سان اهڙو راز و نياز اورڻ وارو شرف ملاقات بخشيو، جنهن کي عقل انساني ۽ احساسات بشري پنهنجي خيالات جي گرفت ۾ آڻڻ کان قاصر آهن.

مفسرين، حديث ۽ سيرت نويس حضرات هن سفر کي اسراء ۽ معراج جي نالي سان بيان ڪيو آهي. لفظ اسرا جو مادو سَرَيَ يعني آخري حرف ”يا“ هجي تہ ان جي معنيٰ آهي رات جو سير ڪرڻ. انهي ڪري اسرا بعبدهٖ جي معنيٰ ٿيندي هن پنهنجي عبد (ٻانهي) کي رات جو سير ڪرايو. پر جيڪڏهن سريٰ اسريٰ جو مادو سَرَوَ يعني آخري حرف ”واو“ سان هجي تہ پوءِ معنيٰ ٿيندي پنهنجي ٻانهي کي شرف بخشيو، سرور ۽ خوشي ڏني، غم ۽ ڏک دور ڪيو. هت محل ۽ موقعي جي لحاظ سان اهي سيئي معنائون ٺهڪي اچن ٿيون. قرآن ڪريم جي سورة الاسراء يا بني اسرائيل ۾ ارشاد آهي:

﴿سُبۡحٰنَ الَّذِيۡۤ اَسۡرٰى بِعَبۡدِهٖ لَيۡلًا مِّنَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَـرَامِ اِلَى الۡمَسۡجِدِ الۡاَقۡصَا الَّذِىۡ بٰرَكۡنَا حَوۡلَهٗ لِنُرِيَهٗ مِنۡ اٰيٰتِنَا ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيۡعُ الۡبَصِيۡرُ﴾

”(هر شڪ شبهي، نقص ۽ عيب کان) پاڪ آهي، اهو (الله تعاليٰ)

جنهن پنهنجي (عبد) ٻانهي کي رات جي هڪ حصي ۾ مسجد حرام (مڪه مڪرمه) کان مسجد اقصىٰ (بيت المقدس) جو سير ڪرايو. جنهن جي آس پاس کي اسان بابرڪت بڻايو آهي، (هي سير) انهيءَ لاءِ ڪرايو ويو ته اسان کين پنهنجي آيتن ۽ قدرت جي انوکن نمونن جو ذاتي مشاهدو ڪرايون. بلاشڪ اهو الله سميع بصير(ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي قوتن جو مالڪ) آهي."

انهي بابرڪت سير جي هن حصي کي اسراء سڏيو ويو آهي. معراج دراصل انهي سير جي ٻيو حصو آهي، جيڪو بيت المقدس کان عرش عظيم پهچي پنهنجي رب سان شرف ملاقات جو نالو آهي. سير جو هي پويون حصو ايترو ته عظمت ۽ شرف وارو آهي جو هن پوري سير جو نالو "معراج" پئجي چڪو آهي.

معراج لفظ جو مادو عرج الشي عروجاً يعني ڪنهن جو بلندين تائين پهچڻ آهي. سورة المعارج ۾ آهي:

﴿مِّنَ اللَّهِ ذِي الْمَعَارِجِ ۝٣ تَعْرُجُ الْمَلَٰئِكَةُ وَالرُّوحُ إِلَيْهِ فِي يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهُ خَمْسِينَ أَلْفَ سَنَةٍ ۝٤﴾

"ان الله پاڪ جي طرفان جو نهايت بلندين وارو آهي. جنهن ڏانهن فرشتا ۽ روح بلندين ڏانهن محو پرواز آهن. هڪ ڏينهن جي اندر جنهن جي مقدار پنجاهه هزار سالن جي برابر آهي."

علامه راغب اصفهاني به مفردات الفاظ القرآن ۾ عَرَج لفظ جي معنىٰ العروج يعني بلندين ڏانهن وڃڻ ڪئي آهي.

سورة الحجر ۾ ارشاد آهي ته:

﴿وَلَوْ فَتَحْنَا عَلَيْهِم بَابًا مِّنَ السَّمَاءِ فَظَلُّوا فِيهِ يَعْرُجُونَ ۝١٤﴾

"جيڪڏهن اسان انهن جي لاءِ آسمانن جا دروازا کولي به ڇڏيون ۽ هي اوڏانهن مٿي چڙهڻ به لڳن."

هن آيت ۾ به ﴿يَعْرُجُونَ﴾ جيڪو عرج عروج کان ورتل آهي، جنهن جي معنىٰ مٿي چڙهڻ ڪئي وئي آهي. هن سفر کي معراج به ان ڪري

چيو ويو آهي جو معراج بابت هڪ حديث شريف ۾ حضور ﷺ جن کان ارشاد آهي ته ”عُرِجَ بِيْ إِلَى السَّمَاءِ“ (مون کي آسمانن جي بلندين ڏانهن کنيو ويو.) معراج جي رات کي به ليلة المعراج / شب معراج ان کري سڏيو ويو آهي جو ان رات مؤمنن جون دعائون عرش عظيم جي بلندين ڏانهن بنا کنهن روڪ ٽوڪ جي مٿي وڃن ٿيون. جنهن کي سورت فاطر ۾ هن طرح بيان ڪيو ويو آهي ته ﴿إِلَيْهِ يَصْعَدُ الْكَلِمُ الطَّيِّبُ﴾ ”ان الله ڏانهن سمورا سٺا ڪلما (دعائون، التجائون، حمد، تلاوت، ذڪر، شڪر، امر بالمعروف، نهي عن المنڪر) مٿي وڃن ٿا.“ صعد صعود به عرج عروج جي هم معنىٰ يعني مٿي وڃڻ، بلندين ڏانهن پرواز ڪرڻ اچن ٿا.

**معراج ڪڏهن ٿيو:** معراج واري رات جي تاريخ، مهيني ۽ سال ۾ مختلف روايتون موجود آهن. ڪجھ مؤرخين هن کي بعثت کان اڳ جو واقعو قرار ڏنو آهي، مگر وڏي اڪثريت جي راءِ آهي ته اهو بعثت کان بعد جو واقعو آهي ۽ اها ڳالهه درست به آهي. ڪن جي خيال ۾ ته هجرت کان هڪ سال ڪن اڳ، ته ڪن جي خيال ۾ ١٨ مهينا اڳ ۾ معراج ٿيو. اهڙي طرح لڳ ڀڳ ڏهه مختلف قول موجود آهن، پر حديث ۽ سيرت جي اڪثر روايتن موجب هي مبارڪ واقعو هجرت کان هڪ سال اڳ، مڪي مڪرمه ۾ پيش آيو. ابن حزم جو انهيءَ تي ئي يقين آهي ته اهو واقعو هجرت کان هڪ سال اڳ ٢٧ رجب، سومر جي سونهري رات رونما ٿيو. اها ئي مشهور روايت آهي، جنهن تي اڄ تائين ماڻهو عمل پيرا آهن.

شيخ اڪبر قدس سره جو چوڻ آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن کي ٣٤ مرتبا معراج ڪرايو ويو. جن ۾ هڪ دفعو جسماني باقي ٻيا سڀ روحاني معراج هئا. جسماني معراج ٢٧ رجب المرجب سومر جي رات ڪرايو ويو ۽ اڄ تائين ماڻهن جو ان تي عمل جاري آهي. اها به روايت آهي ته حضور ﷺ جن جي ولادت باسعادت سومر جي ڏينهن ٿي. پهرين وحي به سومر جي ڏينهن آئي ۽ معراج به سومر تي ٿيو. هجرت لاءِ مڪي مڪرمه کان به سومر تي نڪتا ۽ مديني منوره ۾ به سومر ڏينهن داخل ٿيا ۽

سومر ڏينهن ئي سندن وصال مبارڪ ٿيو. خود سورة الاسراء جي پهرين آيت انهيءَ ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي، تہ اها سورت سڄوري معراج جي موقعي تي ئي نازل ٿي آهي. غور سان هن سورت جو مطالعو ڪبو تہ محسوس ٿيندو تہ اها سورت معراج جي واقعي ۽ وقت سان پوري طرح ٺهڪي اچي ٿي. سورت جي شروعات معراج جي انوکي واقعي سان ٿئي ٿي، جنهن ۾ آنحضور ﷺ جن جي نبي القبلتين هجڻ جو اعلان آهي، يعني حقيقت ابراهيمي جيڪا خاندانن ۽ نسلن ۾ تقسيم ٿي چڪي هئي، جنهن ۾ بيت المقدس جي توليت حضرت اسحاق عليه السلام ۽ ان جي اولاد ۽ ڪعبة الله جي توليت حضرت اسماعيل عليه السلام جي حوالي ٿي، سا اڄ نبي آخر الزمان جي قيادت ۾ ٻنهي قبلن جي ڪنجي سندن حوالي ڪجي ٿي ۽ سمورن نبين عليهم السلام جو سندن اقتدا ۾ نماز پڙهڻ، سندن امامت ڪي تسليم ڪرڻ ۽ نبي القبلتين قبول ڪرڻ جو اعلان بہ آهي، تہ ان ميثاق ۽ عهد جي تجديد بہ آهي، جنهن ۾ انبياء عليهم السلام کان عالم ارواح ۾ ﴿لَتُؤْمِنُنَّ بِهٖ﴾ (آل عمران: ٨١) "اوهان هن تي ضرور ايمان آڻيندو." چئي مٿن ايمان آڻڻ ۽ سندن قيادت ۽ امامت ڪي قبول ڪرڻ جو عهد ورتو ويو هيو. هن سورت ۾ اڳتي آيت نمبر ٩ کان ٢١ تائين ڪفار قريش ڪي ٻڌايو ويو آهي تہ هاڻي وعظ ۽ نصيحت جو وقت گذري ويو آهي، جنهن بعد اوهان تي اهو عذاب اچڻ وارو آهي، جنهن جي اوهان بار بار گهر ڪري رهيا هئا. هن سورت جي آيت ٢٢ کان ٣٩ تائين خدا جي وحدانيت. والدين سان سٺي سلوڪ ڪرڻ سان گڏ شريعت جي ڪيترن ئي اهم احڪامن جو ذڪر آهي، جنهن مان هن ڳالهہ ڏانهن اشارو آهي تہ هاڻ جلد هجرت بعد رياست مدينه ۾ خداوند جو ڏنل نظام نافذ ٿيڻ وارو آهي. ان کان پوءِ نبوت، قرآن، قيامت ۽ معجزن تي ٿيندڙ اعتراض جو جواب ڏنل آهي. حضرت موسيٰ عليه السلام جي حالات ۽ واقعات جي ذڪر سان ٻڌايو ويو آهي تہ جيڪا قوم خدا جي حڪمن جي بجا آوري نہ آڻيندي، ان جو نتيجو تباهي ۽ بربادي آهي. سورت پنهنجي پوري مضمون سان ٻڌائي رهي آهي تہ اها سورت مڪي

دور جي آخري سورتن مان آهي.

**معراج ڪهڙي هنڌ کان ٿيو:** معراج جو واقعو ڪٿي پيش آيو؟ ان ۾ اختلاف آهي. صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ حضرت مالڪ بن صعصعه ۽ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنهما جي روايتن ۾ چڱي طرح چٽائي سان بيان ڪيو ويو آهي ته پاڻ سڳورا ان وقت مسجد حرام (ڪعبه) ۾ حطيم يا حجر ۾ موجود هئا ۽ آرام فرما هيا. سورت الاسراء جي پهرين آيت ۾ به مسجد حرام جو ذڪر آيو آهي. پر ڪجهه ڪمزور روايتن موجب معراج جو واقعو حضرت ام هاني رضي الله عنها جي گهر ۾ پيش آيو جيڪو شعب ابي طالب ۾ هيو. هي روايت ڪلبي کان ٿيل آهي، جيڪو دروغ گوئي ۾ مشهور آهي. مسند ابويعلىٰ ۾ بيبي ام هاني رضي الله عنها کان روايت آهي ته آنحضرت ﷺ جن عشا جي نماز پڙهي، اسان سان گڏ منهنجي گهر ۾ آرام فرما ٿيا. رات جو منهنجي اک کلي وئي ته مون پاڻ ڪريم ﷺ جن کي سندس بستري تي ڪو نه ڏٺو. قريش جي ساڻن دشمني جي سبب منهنجي دل ۾ عجيب و غريب وسوسا ۽ خيال اچڻ لڳا. ننڊ ڦٽي وئي. صبح جو نبي ڪريم ﷺ جن معراج جو واقعو مون کي ٻڌايو ۽ چيائون ته اهو آئون قريش جي سردارن کي ٻڌائڻ وڃان ٿو. جنهن تي مون سندس دامن جهلي کين گذارش ڪئي ته خدا جي واسطي اهو واقعو انهن کي نه ٻڌائجو ڇو ته هو هن واقعي کي ڪوڙو قرار ڏيندا ۽ سندن جان عزيز جا دشمن ٿي ويندا. ليڪن حضور ﷺ جن منهنجي ڳالهه نه مڃي ۽ ٻاهر هليا ويا ۽ حطيم ۾ وينل ماڻهن جي ميڙ ۾ هي واقعو بيان ڪيو. جنهن ۾ ابو جهل ۽ معطر بن عدي به موجود هيا. حضرت ام هاني رضي الله عنها ڏانهن منسوب روايتن ۾ ڪيتريون لغو ڳالهيون اچي ويون آهن ۽ ڪٿي عشا ۽ فجر جي نماز باجماعت جو به ذڪر آيو آهي، جيڪو غلط آهي. ڇو ته پنج وقت نماز معراج جي موقعي تي ئي فرض ٿي. ان ڪري اهڙين روايتن جو صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ آيل مستند روايتن جي مقابلي ۾ ڪا به حيثيت نه آهي.

**معراج جو پس منظر:** هن عرصي تائين پاڻ ڪريم ﷺ جن کي ١٢ سال توحيد جي تبليغ ڪندي گذري چڪا هئا. ڪافرن ۽ مشرڪن پاران ڪين ۽ سندس ننڍڙي جماعت کي تڪليفون ۽ ايذاءُ پهچائڻ جي حد ٿي چڪي هئي. شعب ابي طالب ۾ شهر بدري جي ٽن سالن جو عرصو گذارڻ بعد اڃان واپس آئي ڪجھ ڏينهن مس گذريا هئا، تہ سندن مهربان چاچو حضرت ابو طالب جيڪو هر ڏک ۽ سک ۾ سندن ساٿي رهيو رحلت ڪري ويو. جنهن جي ڪري هاٽي مخالفن کي ساڻن ظلم ۽ زيادتيون ڪرڻ لاءِ ڪا بہ روڪ ٽوڪ نہ هئي ۽ هر طرف کان مٿن ڇڻ ظلم جا دروازا کلي چڪا هيا ۽ مصيبتن جا پهاڙ ٽٽي پيا هيا، انهيءَ دوران امان سائڻ حضرت خديجة الڪبري رضي الله عنها جن بہ الله کي پياري ٿي وئي. امان سائڻ جي وڃڻ سان گهر اندر سندن دل جوئي ڪرڻ، ڏکن ونڊڻ ۽ تسليون ڏيڻ وارو دروازو گويا بند ٿي ويو هيو. هي وقت پاڻ ڪريم ﷺ ۽ سندن جانثار ساٿين لاءِ نهايت ڏکيو هيو. اهو سبب آهي جو پاڻ ڪريم ﷺ جن هن سال کي سال حزن ”ڏک جو سال“ سڏيو آهي. اهل مڪہ جي بي انتها ظلمن زيادتين ۽ دين حق کان انڪار ۽ بيزاري دوران حضور ﷺ جن طائف تشريف فرما ٿيا، تہ دين ۽ حق جي تبليغ کي اتي جاري رکي سگهجي ۽ خدا جي پيغام کي خدا جي ٻانهن تائين پهچائي رسالت جو حق ادا ڪجي. مگر طائف جا ڏھ ڏينهن بہ ڏهن سالن جي ڏکن ۽ ڏولاون کان وڌيڪ نڪتا. انهيءَ عرصي دوران ڪين حد کان وڌيڪ مخالفت جو منهن ڏسڻو پيو. اوباش ۽ لوفر ماڻهن کي سندس تحقير ڪرڻ لاءِ همٿايو ويو. جن طرح طرح جون تڪليفون ڏيڻ شروع ڪيون. چٽريون ۽ ٺٺوليون ڪرڻ سان گڏ پٿرن وسائڻ جي برسات بہ جاري رکي، جنهن سبب سندن جسم مبارڪ رت ورت ٿي ويو ۽ ڪين حد کان وڌيڪ رنج ۽ صدمو پهتو. نيٺ پاڻ ﷺ مطعم بن عدي جي سهاري سان مڪي واپس آيا. هت بہ قريش پاران ڪين سک جو ساهہ کڻڻ نہ ڏنو ويو. سندن رستي ۾ ڪنڊا وڇائڻ، سجدي وقت سندن پٺي مبارڪ تي اوجهري اڇلائي وجهڻ، ڳچي مبارڪ ۾

چادر يا رسي وجهي زور سان گهٽو ڏيڻ. ڪين شاعر مجنون ۽ جادوگر سڏڻ. شرير ڇوڪرن هٿان ٺٺوليون ڪرائڻ. قرآن پڙهڻ يا تبليغ ڪرڻ وقت زور سان سيٽيون ۽ تاڙيون وڄائڻ. مطلب ته هر قسم جي ايذاء پهچائڻ ۾ هنن ڪا به ڪسر ڪانه ڇڏي هئي. پاڻ ڪريمن ﷺ جن سان گڏ قريش سندن ساٿين سان به ظلم ۽ زيادتين جي حد ڪري ڇڏي هئي. منجهد جو ڪين تيز اس ۾ واري تي ليٽائي سندن سيني تي ڳورا پٿر رکيا ويا. حضرت خباب بن ارت رضي الله عنه کي ڪوئلا گرم ڪري انهن کي ننگي جسم ليٽائي، سندن ڇاتي تي پير رکي چڙهي بيٺا. حضرت بلال رضي الله عنه، حضرت عمار رضي الله عنه سان به ناقابل برداشت زيادتيون ڪيون ويون. حضرت سميه رضي الله عنها کي شهيد ڪيو ويو. اهڙي طرح حضرت ياسر، حضرت صهيب رومي رضي الله عنهما تي ظلمن جا پهاڙ ڪيرايا ويا. قريش جي انهن ظلمن ڪان تنگ ٿي هڪ ڀيرو حضرت خباب بن الارت رضي الله عنه جڏهن آنحضرت ﷺ جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته هنن ظالمن جي حق ۾ بد دعا ڪرڻ فرمايو ته اهو ٻڌي سندن چهرو مبارڪ لال ٿي ويو ۽ فرمايائون: ”ته توهان کان اڳ به اهڙا انسان گذريا آهن جن جي سر مبارڪ تي آرا هلايا ويا. ڪين چيري اڌو اڌ ڪيو ويو تڏهن به هو پنهنجي فرض جي ادائگي کان باز نه آيا.“ خداوند ڪريم اسان جي هن ڪم کي به تڪميل تي پهچائيندو ۽ هڪ ڏينهن اٺ سوار صنعا کان حضر موت تائين سفر ڪندو ۽ ڪيس خدا کان سواءِ ڪنهن جو ڊپ ڊاءِ نه هوندو.“ قريش جي اهڙن ظلمن ۽ زيادتين ۽ نهايت خطرناڪ حالتن جي هوندي به توحيد جي پيغام کي جاري رکڻ جي مصمّم ارادي دوران خداوند ڪريم پنهنجي پياري محبوب ﷺ کي پنهنجي آيتن، نشانين، عجيب و غريب، غيبي حقيقتن جي عيني مشاهدي ڪرائڻ ۽ ذات رباني جي نوراني جهلڪ جي ديدار پائڻ سان ڪين مستقبل قريب ۾ ڪاميابي جي نويد ۽ بشارت ڏيڻ خاطر معراج جي هن عظيم تحفي سان سندن مان مرتبي لائق آجيان ڪئي.

**معراج جي قصي جو قريش تي اثر:** حضور ﷺ جن کي معراج

جي سونهاري رات جيڪو ڪجھ مشاهدو ڪرايو ويو، اهو هنن صبح جو خانهِ ڪعبه لڳ قريش جي سردارن سميت، جن ۾ ابوجهل ۽ مطعم بن عدي بہ شامل هيا ماڻهن جي هڪ ميڙ ۾ بيان ڪيو ڪجھ ماڻهو جن جا ايمان پختا هيا تن هن سير کي قدرت جو هڪ عظيم واقعو قرار ڏنو ۽ خوشي ڪرڻ لڳا، پر ڪجھ ماڻهو جيڪي ايمان جي نعمت کان محروم هيا تن تعجب مان شور ۽ لُڙ مچائڻ شروع ڪيو. ابوجهل هن واقعي کي ٿورو ڪوڙ سڏيو ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ جن کي جادوگر جي لفظن سان ياد ڪيو. مطعم بن عدي اهو واقعو ٻڌي چوڻ لڳو تہ هي اهڙو ڪوڙ آهي، جيڪو تنهنجي سيني اڳين ڳالهين ۽ دعوائن کان گهڻو وڌيڪ آهي. اسان بيت المقدس وڃڻ لاءِ هڪ مهيني جي پنڌ جي چڙهائي ۽ هڪ مهيني جي پنڌ جي اترائي تي پنهنجن اٺن جو ساه ڪڍي ٿا پڄيون ۽ تون چوين ٿو تہ ايڏو وڏو سفر تو هڪ رات اندر ڪيو آهي. لات ۽ عزيٰ جو قسم تہ مان ڪنهن بہ صورت ۾ هن واقعي کي مڃڻ لاءِ تيار نہ آهيان. اهو بلڪل غلط ۽ ڇٽو ڪوڙ آهي. هن واقعي بابت جڏهن حضرت ابو بڪر رضي الله عنه کان معلوم ڪيو ويو تہ انهن وراڻيو تہ جيڪڏهن خدا جو رسول ﷺ ائين چوي ٿو تہ پوءِ اهو برحق ۽ سچ آهي. ان بعد مطعم بن عدي پاڻ ڪريم ﷺ جن کان بيت المقدس بابت معلوماتي سوال پڇيا. ان وقت قريش جا اهي تاجر بہ موجود هيا، جيڪي تجارت سانگي ڪيترائي ڀيرا بيت المقدس وڃي چڪا هيا ۽ کين اتان جي هر شيءِ جو نقشو چڱي طرح سندن دل تي چٽيل هيو. پاڻ ڪريمن ﷺ جن جو قول آهي تہ ان وقت منهنجي ۽ بيت المقدس جي وچ ۾ الله تعاليٰ پردو هٽائي ڇڏيو هو. ڪن جو قول آهي تہ حضرت جبرئيل عليه السلام بيت المقدس سندن اکين آڏو اچي بيهاريو. حضور ﷺ جن بيت المقدس کي ڏسي هر سوال جو صحيح جواب ڏيندا رهيا ۽ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه هر جواب ٻڌي گواهي ڏيندو رهيو هو تہ بلاشڪ اوهان الله جا سچا رسول آهيو. حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون پاڻ آنحضرت ﷺ جن کان ٻڌو آهي تہ جڏهن قريش مونکي هن واقعي ۾

ڪوڙو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته مان حطيم ۾ اٿي ويٺي رهيس ۽ الله تعاليٰ منهنجي ۽ بيت المقدس جي وچان حجاب هٽائي ڇڏيو ۽ مان هر سوال جو جواب بيت المقدس کي ڏسي ٻڌائيندو رهيس.

# معراج جو واقعو

قرآن مجيد جي سورة الاسراءِ ۾ مسجد حرام (بيت الله) کان مسجد اقصيٰ (بيت المقدس) تائين حضور ﷺ جن جي سير جو ذڪر نهايت صاف لفظن ۾ بيان ٿيل آهي. جنهن ۾ هن سير جو مقصد اهو ٻڌايو ويو آهي ته الله تعاليٰ پاران پنهنجي ٻانهن کي پنهنجي آيتن ۽ نشانين جو مشاهدو ڪرائڻ آهي. پر هن آيت کان علاوه ساڳئي سورة جي آيت ٦٠ ۽ سورة النجم جي ابتدائي ١٨ آيتن جو تفسير حديث ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ جيڪو تفصيل هن سلسلي ۾ بيان ٿيو آهي، ان جو مختصر ذڪر هن ريت آهي ته رات جي وقت جبرئيل عليه السلام پاڻ ڪريم ﷺ جن کي مسجد حرام کان مسجد اقصيٰ تائين براق تي وٺي ويا، جتي پاڻ ڪريم ﷺ جن تمام نبين ۽ رسولن عليهم السلام جن سان گڏ نماز ادا ڪئي ۽ امامت ڪرائي. پوءِ کين عالم بالا طرف وٺي ويو، جتي ستن ئي آسمانن تي مختلف انبياء ڪرام عليهم السلام سان ملاقات ڪرائي وئي. آخرڪار پاڻ نهايت ئي اعليٰ ترين بلندين تي پهچي پنهنجي رب جي حضور ۾ حاضري ڀري ۽ اهو ڪجھ حاصل ڪيو جيڪو قلم ۽ زبان جي بيان کان ٻاهر آهي. کين انهيءَ سير دوران پنج وقت نماز جو تحفو به عنايت ٿيو. جنهن بعد هو واپس بيت المقدس آيا ۽ اتان مسجد حرام تشريف فرما ٿيا. هن سلسلي ۾ بيان ٿيل گهڻين روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته مسجد حرام ۾ براق تي سوار ٿيڻ کان اڳ سندن سينو مبارڪ چاڪ ڪيو ويو. جنهن کي آبِ زمزم سان ڌوئڻ بعد، ان ۾ ايمان ۽ حڪمت جي نور سان ٽمٽار سوني پليٽ سندن سيني مبارڪ ۾ پرتي وئي ۽ پوءِ سيني مبارڪ کي درست ڪري، کين براق تي سوار ڪيو ويو. هن سير دوران جنت ۽ دوزخ جو مشاهدو به

کرايو ويو. ڪين کير ۽ شراب جا پيالا ب پيش ڪيا ويا، دوزخين ۽ جنتين جا منظر ب ڏيکاريا ويا، ڪين تحفي ۾ پنج وقت نماز، سورة البقره جون آخري آيتون ۽ جيڪو مؤمن شرڪ جي آلائش کان بچيل رهندو، ان کي جنت جي بشارتن سان گڏ ڪيترين ئي غيبي حقيقتن جو مشاهدو ڪرائي ڪين هڪ طرف تبليغ جي ڪاميابي سان همڪنار ٿيڻ ۽ عنقريب ڏکن ڏولائن جي دور ٿيڻ جي بشارت هئي تہ ٻئي طرف غيبي حقيقتن جو عيني مشاهدو ڪرائي ڪين انهن جي حڪمتن کان آگاهي ڏيڻ ۽ عين اليقين جو درجو عطا ڪرڻو هيو.

علامه شبلي نعماني ۽ علامه سيد سليمان ندوي پنهنجي شهرهٔ آفاق ڪتاب سيرت النبي ﷺ ۾ معراج تي تفصيلي بحث ڪيو آهي، معراج جو واقعو نهايت اهم هجڻ سان گڏو گڏ اسان جي مادي ڪائنات کان ٻاهر ۽ عقل ۽ قياس جي سرحدن کان بالاتر آهي. ان ڪري ضرورت آهي تہ اهڙي اهم موضوع بابت صحيح ۽ خالص روايتن جي پيروي ڪئي وڃي. احاديث ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ هن واقعي ڪي اصحاب سڳورن جي وڏي انگ بيان ڪيو آهي، علامه زرقاني ۴۵ اصحابن سڳورن جا نالا ڏنا آهن. حديث، تفسير ۽ سيرت جي جن جن ڪتابن ۾ سندن روايتون موجود آهن، انهن کي کولي بيان ڪيو اٿس. علامه ابن ڪثير انهن روايتن جو وڏو انگ پنهنجي تفسير ابن ڪثير جي سورة بني اسرائيل جي تفسير ۾ گڏ ڪيو آهي. جنهن ۾ صحيح، مرفوع، قوي، ضعيف، موقوف، مرسل، منڪر، سڀني قسمن جون روايتون موجود آهن. صحاح سته ۾ معراج جو واقعو صحيح بخاري ۽ مسلم ۾ پوري طرح موجود آهي، ترمذي، نسائي، ابو داؤد، ابن ماجه وغيره ۾ ب جدا جدا بابن ۾ اهو قصو ملي ٿو. امام بخاري ۽ امام مسلم هن واقعي جي (۱) حضرت ابوذر رضي الله عنه، (۲) حضرت مالڪ بن صعصعه رضي الله عنه، (۳) حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه، (۴) حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما، (۵) حضرت ابوهريره رضي الله عنه، (۶) حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه، (۷) حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنهما جهڙن نهايت

ست معتبر اصحابن سڳورن کان روايت ڪئي آهي، صحيحن ۾ بہ معراج جي واقعي جو مسلسل ۽ مفصل بيان حضرت ابوذر غفاري ﷛، حضرت مالڪ بن صعصعه ﷛، حضرت انس بن مالڪ ﷛ پاران آيل آهي.

حضرت انس بن مالڪ اها روايت ٽن طريقن سان بيان ڪئي آهي. صحيح مسلم باب الاسراء ۽ صحيح بخاري ڪتاب التوحيد ۾ آخري راوي حضرت انس بن مالڪ ﷛ آهي. سندس هن روايت ۾ اهو بيان ٿيل نہ آهي تہ اها حديث هن پاڻ حضور ﷺ جن کان ٻڌي آهي، يا ڪنهن ٻئي اصحابي کان بيان ڪئي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ هن اها حديث پاڻ سڳورن ﷺ جن کان ٻڌي آهي. پر باقي ٻين ٻن هنڌن صحيح بخاري باب ذڪر الملائڪه ۽ باب المعراج ۽ صحيح مسلم باب الاسراء ۾ بيان ٿيل روايت ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ هن اها روايت حضرت مالڪ بن صعصعه ﷛ کان روايت ڪئي آهي، اهڙي طرح صحيح بخاري ڪتاب الصلوٰة ۽ ڪتاب الانبياء ۾ چٽي طرح آيل آهي تہ هن اها روايت حضرت ابوذر ﷛ کان ڪئي آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ حضرت انس بن مالڪ ﷛ معراج جو واقعو گهڻن اصحابن سڳورن کان ٻڌو آهي. ان ڪري سندن بيان سڀني کان وڌيڪ جامع مستند ۽ مفصل آهي. تابعين مان ڪيترن بزرگن حضرت انس بن مالڪ ﷛ کان هن روايت کي صحيحين ۾ نقل ڪيو آهي، مثال طور ثابت الباني، ابن شهاب زهري، قتاده ۽ شريڪ بن عبدالله بن ابي نمره وغيره. انهن ۾ ثابت جو بيان وڌيڪ معتبر آهي، جڏهن تہ شريڪ جي روايت نهايت معتبر ثقه رويتن کان ڪجهہ جاين تي مختلف آهي. ان ڪري صحيح مسلم باب الاسراء ۾ هن طرف اشارو ڪري لکيو آهي تہ هن جي روايت اڳتي پٺتي گهٽ وڌ بيان ٿيل آهي. حضرت مالڪ بن صعصعه ﷛ ۽ حضرت ابوذر ﷛ جن چٽي طرح چيو آهي تہ هنن اها حديث حضور ﷺ جن جي زبان مبارڪ مان ٻڌي آهي. حضرت ابوذر ﷛ سابقين اسلام مان آهن ۽ معراج شريف جي واقعي کان اڳ ۾ مڪي مڪرمه ۾ اچي اسلام قبول ڪيو هو ۽ معراج جي مبارڪ موقعي دوران پاڻ مڪي ۾ موجود هيا.

حضرت مالڪ بن صعصعه ﷛ انصاري آهن. ان ڪري حضرت ابوذر ﷛ جي روايتن کي وڏي اهميت آهي. مگر حضرت مالڪ بن صعصعه ﷛ جو بہ اصحابن سڳورن ۾ حديث جي روايتن ۾ نهايت وڏو مقام آهي. حضرت مالڪ بن صعصعه ﷛ ۽ حضرت ابوذر ﷛ تہ نهايت تصريح سان ڄاڻايو آهي تہ هنن معراج جو اهو واقعو حرف بحرف حضور ﷺ جن جي زبان مبارڪ مان ٻڌو آهي.

جناب ابوالاعليٰ مودودي پنهنجي مشهور تفسير "تفهيم القرآن" ۾ هن واقعي بابت لکي ٿو تہ معتبر روايتن مان معلوم ٿئي ٿو. تہ جڏهن پاڻ ڪريمن ﷺ جن هن واقعي جو ذڪر ڪيو تہ مڪي جي ڪافرن مٿس ٺٺوليون ڪيون ۽ ڪجھ مسلمانن جا ايمان بہ متزلزل ٿي ويا. هن واقعي جي تفصيل گھڻن صحابن کان بيان ٿي آهي، جن جو تعداد ٢٥ کن آهي جن ۾ زياده تفصيل واريون روايتون حضرت انس بن مالڪ ﷛، حضرت مالڪ بن صعصعه ﷛، حضرت ابوذر غفاري ﷛ ۽ حضرت ابو هريره ﷛ کان روايت ٿيل آهن. ان کان علاوه حضرت عمر ﷛، حضرت علي ﷛، حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنهما، حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما، حضرت ابو سعيد خدري ﷛، حضرت حذيفه بن يمان ﷛، حضرت عائشه ﷝ ۽ ٻين ڪيترن اصحابن سڳورن هن واقعي جا ڪجھ حصا بيان ڪيا آهن.

هن سفر جي ڪيفيت ڪهڙي هئي. هي واقعو ننڊ ۾ پيش آيو يا بيداري ۾، ڇا سير جسماني هيو يا روحاني مشاهدو ڪرايو ويو، انهن سوالن جا جواب خود قرآن مجيد ۾ موجود آهن. ﴿سُبۡحَٰنَ ٱلَّذِيٓ أَسۡرَىٰ﴾ "پاڪ آهي اها ذات جنهن سير ڪرايو." آيت ۾ سبحان جا لفظ ڇئي ٻڌايو ويو آهي تہ هي ڪو وڏو خارق عادت (عادتن جي خلاف) جو واقعو هيو. جيڪو الله تعاليٰ جي غير محدود قدرت سان ظهور پذير ٿيو. تڏهن تہ هن واقعي جي شروعات اهڙن غير معمولي لفظن سان ڪئي وئي آهي. جو تہ خواب ۾ اهڙين شين جو ڏسڻ يا ڪشف سان معلوم ڪرڻ کا

بہ اهميت نہ ٿو رکي. ان ڪري هن تهميد سان واقعو بيان ڪرڻ تہ هر نقص عيب ۽ ڪمي ڪوتاهي کان پاڪ آهي، اها ذات جنهن پنهنجي ٻانهي کي سيري ڪرايو، سو اهو واقعو خواب يا ڪشف جو نٿو ٿي سگهي. اهڙي طرح ﴿أَسْرَىٰ بِعَبْدِهِ لَيْلًا﴾ ”رات جي هڪ حصي ۾ پنهنجي عبد (بندي) کي سير ڪرايو.“ مان ”بندي“ جو لفظ ٻڌائي ٿو تہ اهو جسماني سير هيو جو تہ خواب يا ڪشف وغيره لاءِ هي لفظ هرگز مناسب نہ ٿو لڳي. جو ”عبد“ جسم مع الروح جو تعبير آهي، ان ڪري اسان کي هي حقيقت مڃڻي پوندي تہ هي سير محض روحاني تجزيو نہ هيو پر جسماني ۽ عيني مشاهدو هيو، جيڪو الله تعاليٰ پنهنجي محبوب ﷺ جن کي ڪرايو. جڏهن هڪ رات جي ٿورڙي حصي ۾ هوائي جهاز کان سواءِ مڪي مڪرمه کان بيت المقدس ڏانهن وڃڻ ۽ اتان موٽي اچڻ الله جي قدرت سان ممڪن آهي تہ پوءِ ٻئي سموري تفصيل کي جيڪو حديثن ۾ آيل آهي ناممڪن سمجهڻ ڪيئن درست ٿيندو. ممڪن ۽ ناممڪن جو بحث تہ تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن معاملو ڪنهن مخلوق جي اختيار جو هجي، پر جڏهن معاملو اهو هجي تہ اهو ڪم خداوند ڪيو آهي تہ پوءِ اتي ممڪن ناممڪن جو سوال رڳو اهڙو ماڻهو ڪري سگهي ٿو جنهن کي خدا جي قادر مطلق هئڻ ۾ شڪ آهي. هن کان سواءِ حديث ۾ هن واقعي بابت جيڪي ٻيا تفصيل آيا آهن، انهن تي منڪران حديث جا ڪيترائي اعتراضات آهن. انهن سڀني اعتراضن مان رڳو بہ اهڙا اعتراض آهن جن کي ڪجهہ وزن ڏئي سگهجي ٿو پهريون اعتراض هي آهي تہ هن واقعي مان الله تعاليٰ جو هڪ خاص هنڌ تي مقيم هجڻ لازم ٿئي ٿو. نہ تہ پنهنجي خاص ٻانهي کي هڪ خاص مقام تي گهرائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي، جڏهن تہ خداوند ڪريم هر هنڌ موجود آهي. ٻيو اعتراض اهو ٿي سگهي ٿو تہ دوزخ ۽ جنت جو مشاهدو ۽ ڪجهہ ماڻهن کي عذاب ۾ ڏسڻ جو معائنو ڪيئن ڪرايو ويو، جڏهن تہ جزا ۽ سزا جو فيصلو تہ قيامت کان پوءِ ٿيندو ۽ ماڻهن کي ان کان

اڳ سزا ڪيئن ڏني وئي آهي.

دراصل اهي ٻئي اعتراض بـ ناسمجهي جو نتيجو آهن. پهريون اعتراض ان ڪري غلط آهي تـ خداوند ڪريم پنهنجي ذات پاڪ ۾ تـ بيشڪ غير محدود اطلاقي شان رکي ٿو. هو ڪنهن خاص هنڌ جو محتاج بہ نہ آهي ۽ هر هنڌ ۽ هر وقت موجود آهي. بلاشڪ هو هر ڪمزوري کان پاڪ آهي، پر پنهنجي مخلوق ۽ ٻانهي سان معاملي ڪرڻ وقت هو اهڙن محدود طريقن جو استعمال ڪري ٿو جيڪي ان مخلوق ۽ ٻانهي جي حدود اندر اچن ٿا. جهڙي طرح هو جڏهن پنهنجي مخلوق سان هم ڪلام ٿئي ٿو تـ گفتگو ۽ ڪلام جو اهو طريقو اختيار ٿئي ٿو جيڪو مخلوق جي سمجهہ ۾ اچي سگهي. حالانڪہ خداوند ڪريم جو ذاتي ڪلام غير محدود ۽ اطلاقي شان جو مالڪ آهي جنهن جي ڪيفيت ۽ هيئت جو اندازو ڪرڻ ناممڪن آهي. اهڙي طرح جڏهن هو پنهنجي خاص ”عبد“ کي پنهنجي بادشاهي ۽ سلطنت جون عظيم الشان نشانيون ۽ اڻ ڏٺي ڏيـهہ جون حقيقتون ۽ حڪمتون ڏيکارڻ گهري ٿو تـ پوءِ ڪيس انهن، انهن هنڌن تي وٺي وڃي ٿو جتي اهي موجود آهن. ڇو تـ ڪو بہ ٻانهو يا مخلوق جو فرد انهن سمورين غيب جي حقيقتن ۽ خدا جي نشانين کي بلڪل انهيءَ طرح سان هڪ وقت ۾ نٿو ڏسي سگهي جهڙي طرح اهي سڀ شيون خدا جي نگاهہ ۾ هوبهو موجود آهن، خدا کي تـ ڪنهن بہ شيءِ جي مشاهدي جي لاءِ اتي وڃڻ جي ضرورت ناهي جتي اها شي موجود آهي، مگر مخلوق کي عيني مشاهدي ڪرائڻ لاءِ سندس اتي اچڻ ضروري آهي، ساڳئي طرح خدا جي حضور شرف ملاقات لاءِ بہ خدا کي تـ ڪنهن مقام جي محتاجي ناهي مگر ٻانهي لاءِ ضروري آهي تـ هو اهڙي مقام تي پهچي جتي خدا جي تجليات کي ظهور پذير ڪيو وڃي، حضرت موسيٰ عليہ السلام لاءِ طور سينا جو مقام انتخاب ڪيو ويو جتي ڪيس ﴿فَاخْلَعْ نَعْلَيْكَ ۚ إِنَّكَ بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ طُوًى﴾ ”اي موسيٰ عليہ السلام ! پنهنجيون جتيون لاهي ڇڏ ڇو تـ تون طويٰ جي

مقدس وادي ۾ پير پائي رهيو آهين." مگر سيد الانبياء و المرسلين ۽ محبوبِ رب العالمين ﷺ لاءِ عرش عظيم تي ملاقات جو پروگرام جوڙيو ويو. اتي ڪيس جتي سوڙو گهرائي مهمان خاني جو مان وڌايو ويو ۽ ذات الاهي جي ديدار جو شرف بخشيو ويو. هي اهو مقام آهي جتي جبرئيل عليه السلام جن ڪي به وڃڻ جي اجازت نه هئي. تڏهن ته سدرة المنتهيٰ وٽ پهچي، حضرت جبرئيل عليه السلام اڳتي وڃڻ کان نابري وارينـدي درخواست ڪئي، جنهن کي شيخ سعدي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي ته:

اگر يڪ سرِ موئے برتر پرم
تجلّي نورت بسوزد پرم

"جيڪڏهن هڪ وار جي سري برابر اڳتي اڏامندس ته تنهنجي نور جي تجلي منهنجا پر ساڙي ڇڏيندي."

هتان معلوم ٿيو ته مڪه مڪرمه کان بيت المقدس ۽ اتان ستن آسمانن جي سير دوران ته جبرئيل عليه السلام گڏ هلي رهيو هو. پر جڏهن سدرة المنتهيٰ جو مقام آيو ته جبرئيل عليه السلام اڳتي وڌڻ کان نابري وارينـدي چيو ته هاڻي آنحضرت ﷺ جي نور جو جلوو اهڙي مقام ۾ داخل ٿيو آهي جتي منهنجي نوري وجود جو جلي ڀُسم ٿي وڃڻ يقيني آهي. هتان کان پوءِ رڳو نور محمدي ﷺ تجليات خداوندي جو تاب برداشت ڪري سگهي ٿو. باقي فرشتن، يا نبين ۽ رسولن ڪي به هن مقام تي اچڻ جي اجازت نه آهي. هي احد ۽ احمد جي ملاقات جو مقام آهي. بَلَغَ الْعُلٰی بِكَمَالِهٖ ﷺ. اهڙي طرح ٻيو اعتراض به انهيءَ ڪري غلط آهي، جو معراج جي مشاهدي دوران پاڻ ڪريمن ﷺ کي اهي واقعا تمثيلي طور ڏيکاريا ويا هيا. مثال طور فتنو ڦيلائيندڙ ڳالهه کي تمثيلي طور پيش ڪيو ويو ته هڪ موٽو ڍڳو جيڪو هڪ ننڍڙي سوراخ مان ٻاهر آيو وري ان سوراخ ۾ واپس وڃي نه سگهيو. اهڙي طرح زاني ماڻهن لاءِ ڏيکاريو ويو ته هنن وٽ تازو گوشت به موجود آهي مگر هو ڳريل سڙيل بدبودار گوشت کائي رهيا آهن. ساڳي

طرح ٻرن ڪمن جون سزائون ۽ چڱن ڪمن جو عطائون بہ تمثيلي طور پنهنجن پنهنجن هنڌن تي اهڙي طرح ڏيکاريون ويون جهڙي طرح پنهنجي حقيقت ۾ اهي هو ٻهو هجن. معراج بابت مختصر ائين سمجهڻ گهرجي تہ انبياء عليهم السلام مان هر هڪ کي الله تعاليٰ پنهنجي منصب مطابق ﴿مَلَكُوْتَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ﴾ جو مشاهدو ڪرايو ۽ وچ مان مادي حجاب هٽائي اکين سان اهي حقيقتون ڏيکاريون. جن تي ايمان بالغيب آڻڻ جي دعوت لاءِ کين موڪليو ويو هيو. انبياء عليهم السلام فلاسفرن واريون رڳو ڳالهيون نہ ڪندا آهن. فلاسفر هر ڳالهہ پنهنجي قياس ۽ گمان جي زور تي پيش ڪندا آهن. مگر نبي جيڪو ڪجهہ چوندو آهي اهو براه راست پنهنجي ذاتي مشاهدي جي علم تي چوندو آهي.

مثال طور نوح عليہ السلام بہ جنهن طوفان جو ڊپ پنهنجي قوم کي ڏنو پئي يا ٻين انبياء ڪرام عليهم السلام پنهنجي پنهنجي قوم کي جنهن زلزلي، زوردار بارش، بجلي جي ڪڙڪي يا ٻين طريقن سان عذاب جو خوف ڏياريو آهي انهن سڀني جي هجڻ جو يقيني علم انبياء ڪرام عليهم السلام کي الله پاران عطا ڪيو ويو جنهن ۾ ڪنهن بہ شڪ ۽ شبهي جي گنجائش نہ هئي.

پر جڏهن اهو معاملو سيدالانبياء والمرسلين ۽ خاتم النبين جو هجي، جيڪو قيامت تائين آخري پيغام ڪٺي نوع انساني جي هر زماني ۽ هر هنڌ لاءِ رهبري جو نشان هوندو آهي. ان کي تہ الله تعاليٰ پنهنجي ڪرم سان اهو ڪجهہ عيني مشاهدو ڪرايو جيڪو خدا ۽ خدا جي پياري رسول ﷺ جي شايان شان هيو. حضور ﷺ جن جو شان بيان ڪندي امام بوصيري قصيده برده ۾ ڪهڙو نہ چڱو چيو آهي:

فَاِنَّ فَضْلَ رَسُوْلِ اللهِ لَيْسَ لَهٗ
حَدٌّ فَيُعْرِبُ عَنْهُ نَاطِقٌ بِفَمٖ

جنهن جي قدر ومنزلت جي ناهي هرگز انتها
ڪنهن زبان کي ناهي طاقت جو ڪري مدح و ثنا.

لَايُمْكِنُ الثَّنَاءُ كَمَا كَانَ حَقُّهُ
بعد از خدا بزرگ توئی قصه مختصر

سندن ثنا جو حق ادا ڪرڻ ممڪن ئي نہ آهي،
بس ائين سمجهو تہ خدا کان پوءِ ڪين ئي بزرگي سونهي ٿي.

غالب ثنائے خواجه به یزدان گذاشتیم
کاں ذات پاک مرتبه دانِ محمد است

غالب سرڪار جي ثنا خدا جي ئي حوالي ڪيان ٿو، ڇو تہ خدا جي ذات پاڪ ئي محمد ﷺ جي مرتبي کي ڄاڻي ٿي.

وَكَيْفَ يُدْرِكُ فِي الدُّنْيَا حَقِيْقَتَهُ
قَوْمٌ نِيَامٌ تَسَلَّوْا عَنْهُ بِالْحُلُمِ

هن جي دنيا ۾ حقيقت ڪيئن ڀلا ڄاڻي سگهي،
قوم خفته، محو جيڪا پنهنجي خوابن ۾ رهي.

فَاقَ النَّبِيِّيْنَ فِيْ خَلْقٍ وَ فِيْ خُلُقٍ
وَلَمْ يُدَانُوْهُ فِيْ عِلْمٍ وَّلَا كَرَمٍ

انبياء کان خوب تر صورت ۽ سيرت ۾ حبيب
ناهي ڪو، علم و عطا ۾ ان جو همسر يا قريب.

وَكُلُّ مِنْ رَّسُوْلِ اللهِ مُلْتَمِسٌ
غُرْفًا مِنَ الْبَحْرِ اورَشْفًا مِنَ الدِّيَمِ

سڀ نبي توکان گهرن ٿا اي رسول محترم،
بحر رحمت مان چرون يا قطرهٔ باران نم.

وَ وَاقِفُوْنَ لَدَيْهِ عِنْدَ حَدِّهِمْ
مِنْ نُقْطَةِ الْعِلْمِ اَوْمِنْ شَكْلَةِ الْحِكَمِ

ساڳئي نسبت تنهنجي آڏو انبياء احباب ڪي،
علم کان نقطي ڪي ۽ حڪمت کان جا اعراب ڪي.

سورة بني اسرائيل جي هن پهرين آيت جي تفسير ۾ مولانا

ابوالڪلام آزاد پنهنجي تفسير ”ترجمان القرآن“ ۾ چوي ٿو تہ هجرت مدينہ کان تقريبا هڪ سال اڳ پيغمبر اسلام ﷺ کي اسراء جو معاملو پيش آيو، جو عام طور سان معراج جي نالي سان مشهور آهي. هن سير جو مقصد هيو تہ ﴿لِنُرِيَهٗ مِنْ اٰيٰتِنَا﴾ ”ڪين الله جون نشانيون مشاهدي ۾ اچي وڃن“ يعني حقيقت جي دليلن جو عيني مشاهدو ڪن. جنهن مان معلوم ٿيو تہ هي معاملو وحي جي تڪميل جو هيو اهو ئي سبب آهي جو هن معراج واري آيت سڳوري کان پوءِ ﴿وَاٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ﴾ چئي ٻڌايو ويو آهي تہ اهڙي طرح ڪوهِ طور تي اعتڪاف ڪرڻ سان وحي جو معاملو مڪمل ٿيو هيو. جتي موسيٰ عليہ السلام الله تعاليٰ جو هم ڪلامي ٿيو ۽ خدا پنهنجي نور جو جلوو پهاڙ تي وڌو ۽ ڪين شريعت لاءِ ڪتاب عطا ڪيو ويو. هي سير ان ذات پاڪ ڪرايو. جيڪو سَمِيْعٌ (ٻڌندڙ) بَصِيْرٌ (ڏسندڙ) آهي. اهو جنهن کي گهري ٻين جي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ کان ڪيس وڌيڪ ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي قوت عطا ڪري.

شيخ محمد رضا مدير جامعہ فواد قاهره پنهنجي تصنيف ”محمد رسول الله ﷺ“ ۾ لکي ٿو تہ اسراء پاڻ ڪريم ﷺ جن جو مڪہ مڪرمہ کان بيت المقدس تائين تشريف آوري ۽ معراج آسمانن ڏانهن مٿي تشريف فرما ٿيڻ جو نالو آهي. معراج جي ڪيفيت ۾ علماء جا اختلافي بيان بہ آهن مگر مسلم طبقي جي وڏي اڪثريت هن ڳالهہ تي متفق آهي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن کي جسماني معراج جو شرف حاصل ٿيو آهي. شفا ۾ قاضي عياض لکي ٿو تہ سلف صالحين ۽ متاخرين مان مسلمانن جي وڏي اڪثريت هن ڳالهہ تي متفق آهي تہ معراج جسماني ۽ بيداري جي حالت ۾ هيو. اهو ئي صحيح قول آهي. حضرت ابن عباس، جابر، انس، حذيفہ، عمر، ابوهريره، مالڪ بن صعصعہ، ابوحبہ بدري، ابن مسعود، ضحاڪ، سعيد بن جابر، قتاده، ابن مسيّب، ابن شهاب، ابن زيد، حسن، ابراهيم، مسروق، مجاهد، عڪرمہ، ابن جريح وغيرهم - رضي الله تعاليٰ عنهم جو بہ اهو ئي قول آهي. محمد بن جرير طبري پنهنجي تفسير (ابن

جريں) ۾ حضرت حذيفه ﷛ کان روايت نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ چيل آهي ته معراج ننڊ ۾ ٿيو هو. سندن جسم مبارڪ پنهنجي جڳهه تي موجود هيو، رڳو روح مبارڪ کي آسمانن ڏانهن کنيو ويو هو. حضرت عائشه رضي الله عنها ۽ امير معاويه ﷛ کان به اهڙي روايت ٿيل آهي. مگر انهن روايتن کي مسلمانن جي وڏي اڪثريت قبول نه ڪيو آهي ۽ سندن قول ۽ روايت کي رد ڪرڻ لاءِ مناسب دليل ڏنا آهن.

امام نسفي ﷬ جو چوڻ آهي ته معراج بيداري جي حالت ۾ ٿيو آهي، اهو ئي مسلمانن جي وڏي اڪثريت جو مذهب آهي ڇو ته الله تعاليٰ هن نهايت اهم ۽ عظيم واقعي کي بيان ڪرڻ جي شروعات ئي انهيءَ لفظن سان ڪئي آهي ته اها ذات هر نقص ۽ عيب کان پاڪ آهي جنهن پنهنجي ٻانهي کي رات جي هڪ حصي ۾ سير ڪرايو. جيڪڏهن اهو عظيم واقعو، خواب جو هجي ها ته پوءِ الله تعاليٰ کي ايڏي تمهيد سان هن واقعي کي ذڪر ڪرڻ جي ضرورت نه هجي ها. ڇو ته خواب ۾ ڪنهن کي ڏسڻ ايڏي تعجب واري ڳالهه نه آهي جو خداوند ڪريم ان کي پنهنجي ذات ڏانهن منسوب ڪري ائين فرمائي ته هي واقعو اهو ٻڌائي رهيو آهي، جيڪو هر نقص ۽ عيب کان پاڪ آهي، ٻيو ته "عبد" جو لفظ پڻ انسان جي جسم ۽ روح ٻنهي تي گڏجي دلالت ڪري ٿو ڇو ته روح عبده پنهنجي ٻانهي جي روح کي چيو ويندو، هتي اهو سير "عبد" کي ڪرايو ويو آهي. هونءَ به سير جسم ڪندو آهي، روح سير نه ڪندو آهي. جيڪڏهن معراج جو واقعو، واقعي ئي خواب جو هجي ها ته پوءِ ڪافر ۽ مشرڪ ان کي ڪوڙو ڪرڻ لاءِ ڇو ايڏو وڏو طوفان مچائي هنگامو ڪڙو ڪن ها. ڇو ته ماڻهن کي اهڙا خواب ڏسڻ ۾ ايندا آهن ته هو اڏامن پيا، بلندين ڏانهن وڃن پيا، ڏيهان ڏيهه جو سير ڪن پيا. هو خواب ۾ ڏورانهين هنڌ يا پرانهين ملڪ امريڪا، آسٽريليا، جاپان، يورپ جو سير ڪري سگهن ٿا ان تي ڪو به ماڻهو اعتراض نه واريندو ۽ نه ڪو ان کي ڪوڙو ڪرڻ لاءِ هل هنگامو ڪندو. هن کان علاوه روح کي سير ڪرائڻ جي لاءِ براق جي به ضرورت نه

هوندي آهي. براق جي سواري لاءِ تہ روح ۽ نوراني جسم جو هجڻ لازمي آهي.

امام فخر الدين رازي پنهجي تفسير ڪبير ۾ لکي ٿو تہ آنحضرت ﷺ جن ڪي جسم ۽ روح سميت مڪہ مڪرمہ کان مسجد اقصيٰ تائين جو سير ڪرايو ويو. اهڙي معراج بابت قرآني آيتون دليل طور موجود آهن. ”عبد“ جسم ۽ روح جي مجموعي جو نالو آهي. جنهن مان ثابت آهي تہ معراج جسم ۽ روح جي مجموعي يعني عبد کي جسماني طرح حاصل ٿيو. صحاح ستہ ۾ تواتر سان نقل ٿيل احاديث مطابق آنحصرت ﷺ جن ڪي مسجد حرام کان مسجد اقصيٰ ۽ اتان کين آسمانن تائين جسم مبارڪ سان وٺي وڃڻ جو چٽو ثبوت ملي ٿو. کين آسمانن جو سير ڪرائڻ جو مقصد هيو تہ کين عالم ملڪوت جي عجائب کان آگاهي ٿئي. جهڙي طرح سورة الاسراء ۾ آهي ﴿لِنُرِيَهُ مِنْ آيَاتِنَا﴾ شب معراج ۾ آنحضرت ﷺ خداوند جي براه راست زيارت ڪئي ۽ الله تعاليٰ پاران پنهنجي ٻانهي تي جو القاء ڪرڻو هيو، اهو القاء ڪيو ويو. جڏهن قرآن حڪيم چٽن لفظن ۾ معراج جي واقعي کي بيان ڪري رهيو آهي، تہ پوءِ ان تي شڪ رڳو اهو ڪري سگهي ٿو جنهن کي خدا جي قادر مطلق هجڻ تي شڪ آهي يا پاڻ ڪريمن ﷺ جي مرتبي ۽ مقام کان آگهي نہ آهي.

بقول هن فقير:

نہ معلوم حد ابتدا انتها جي، مقامِ نبي لامڪانن کان ٻاهر.
احد ساڻ احمد جي نسبت نرالي، زمين آسما ن جي نظامن کان ٻاهر.
وڃن پر سڙي جت ٿا جبرئيل جا، ٿيو نور نبوي حجابن کان ٻاهر.
ملاقات محبوب آقا جي اهڙي، خرد هوش خواب و خيالن کان ٻاهر.
ٿيو قاب قوسين ۾ قرب اهڙو، هتان جي سوالن جوابن کان ٻاهر.
حبيب خدا عبدهٗ جي لقب سان، زماني جي اعليٰ خطابن کا ٻاهر.

پير محمد ڪرم شاه الازهري پنهجي تفسير ”ضياء القرآن“ ۾ معراج جي هن عظيم واقعي بابت رقم طراز آهي تہ هن مقدس سفر جو

تفصيلي بيان تہ حديثن ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ موجود آهي، مگر ان جو مختصر بيان جو ڪيترن ئي صحيح حديثن مان ثابت آهي، هن طرح آهي:

حضور ﷺ هڪ رات ڪعبة الله شريف وٽ حطيم ۾ آرام فرما هيا تہ جبرئيل امين عليه السلام خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيو ۽ ڪين خواب مان بيدار ڪيو ۽ خداوند جي منشا ڪان آگاهي ڏني. حضور ﷺ جن اٿيا. ڪين آب زم زم وٽ آندو ويو ۽ سندس سيني مبارڪ کي چاڪ ڪري سندن قلب اطهر ۾ ايمان ۽ حڪمت جي نور سان ڀريل سون جي پليٽ پرتي وئي ۽ پوءِ سيني مبارڪ کي ساڳي طرح درست ڪيو ويو. ان ڪان پوءِ پاڻ مسجد الحرام ڪان ٻاهر تشريف فرما ٿيا تہ ڪين سواري لاءِ هڪ براق نالي جانور پيش ڪيو ويو. جنهن جي برق رفتاري ايتري تيز هئي جو جتي سندن نگاه ٿي پهتي اتي سندن قدم ٿي لڳا. حضور ﷺ جن ان تي سوار ٿي بيت المقدس آيا ۽ جنهن ڪلي سان ٻين نبين جون سواريون ٻڌيون ويندڻيون هيون، ان ڪلي سان براق کي بہ ٻڌو ويو. حضور ﷺ جن مسجد اقصيٰ ۾ تشريف فرما ٿيا جتي انبياء حضرات عليهم السلام سندن استقبال لاءِ موجود هيا، جن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي امامت ۾ نماز ادا ڪئي، اهڙي طرح ﴿لَتُؤْمِنُنَّ بِهٖ﴾ جو عهد جيڪو روز ازل ۾ تمام انبياء عليهم السلام جي ارواح مبارڪ ڪان ورتو ويو هيو تہ (اوهان منهنجي محبوب، نبي آخر الزمان تي ضرور ايمان آڻجو) پورو ٿيو. ان ڪان پوءِ براق بلندين ڏانهن روانو ٿيو. ستن ئي آسمانن مان هر هڪ تي مختلف انبياء سان ملاقاتون ٿيون. پهرين آسمان تي حضرت آدم عليه السلام جن ڪين "اي صالح نبي مرحبا اي فرزند ارجمند مرحبا چئي خوش آمديد ڪئي." ان بعد ستين آسمان تي حضرت ابراهيم عليه السلام سان ملاقات ٿي جن بہ ساڳين لفظن سان سندن مرحبا چئي خوش آمديد ڪئي. ان بعد سدرة المنتهيٰ پهتا. جيڪو الله جي نور جو اهڙو مرڪز هيو جنهن کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ ممڪن ناهي. اتان بہ سندن پرواز اڳتي وڌندو رهيو ۽ وجي اتي پهتو جنهن

ڪي اسان، اوهان پنهنجن خيالن ۾ لفظن ۾ آڻي نہ ٿا سگهون. جنهن کي خداوند ڪريم پنهنجي الفاظ جي پيڪر ۾ ﴿ثُمَّ دَنَا فَتَدَلّٰى ۙ⑧ فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى ۚ⑨﴾ پوءِ هو قريب ٿيو (هر رنگ ٿيو) ۽ حقائق جي گهراين ۾ ٽبجي ويو. ايتري قدر قريب جو ٻن ڪمانن جي (پاڻ ۾ ملائي رکڻ سان) برابر يا ان کان بہ تمام گهٽ فاصلو باقي رهيو. ان وقت پاڻ ڪريمن ﷺ جن بارگاهِ ايزدي ۾ تحيه ۽ سلام پيش ڪندي چيو اَلتَّحِيَّاتُ لِلّٰهِ وَالصَّلَوٰتُ وَالطَّيِّبَاتُ تہ فورًا رب العزت پاران جواب آيو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ تہ پاڻ ڪريمن ﷺ خدا جي هنن رحمتن وارن سلامن ۾ ٻين کي شريڪ ڪندي چيو: اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللّٰهِ الصّٰلِحِيْنَ ط ۽ پوءِ چيائين: اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ ط.

ان بعد ﴿فَاَوْحٰٓى اِلٰى عَبْدِهٖ مَآ اَوْحٰى ۙ﴾ (*) "پوءِ هن پنهنجي عبد کي جيڪي ڏيڻو هيو سو ڏنو." هن مقام تي ازل کان پوشيده پاڪ ذات پنهنجي چهري مبارڪ تان غيبي پردا هٽايا ۽ خلوت گاهہ ۽ راز ۾ اهي ناز و نياز جا پيغام ونڊيا ويا، جن جي لطافت ۽ نزاڪت جو بار الفاظن ۾ ادا ڪرڻ ممڪن نہ آهي. هي اهو مقام آهي جو انساني سوچ، سمجهہ، وهم ۽ خيال جي دائرن ۾ اچي نہ ٿو سگهي.

حضور ﷺ جن جي هن اعليٰ ترين مقام تي فائز ٿيڻ وقت بارگاهہ رب العزت کان ارشاد ٿيو بِمَا اَشْرُفُکَ يَا مُحَمَّدُ (ﷺ) منهنجا محبوب اوهان کي ڪهڙي اعليٰ خطاب سان سرفراز ڪريان، تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جواب ۾ عرض ڪيو تہ بِنِسْبَتِيْ اِلَيْکَ بِالْعُبُوْدِيَّة "مون کي منهنجي رب جي عبد جي لقب سان نوازيو وڃي." خداوند ڪريم هن صدائي نياز مندي کي قبول ڪندي چيو ﴿سُبْحٰنَ الَّذِيْٓ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ﴾ هن قربت واري مقام ۾ ٻين نعمتن ۽ انعامن جي پالوٽ کان سواءِ ڪين بارگاهہ

---

(*) هن آيت سڳوري ۾ بہ عبدهٖ (پنهنجي ٻانهي) جو لفظ استعمال ٿيو آهي.

ايزدي مان پنجاهہ نمازن ادا ڪرڻ جو حڪم بہ مليو. جيڪو حضرت موسيٰ عليه السلام جي بار بار عرضداشت تي حضور ﷺ جن بارگاهہ الاهي ۾ تخفيف جي درخواست ڪئي. جنهن سبب پنجاهہ نمازن مان گهٽجي پنج نمازون فرض ٿيون پر انهن پنج نمازن جو ثواب پنجاهہ نمازن جي برابر رکيو ويو.

تفسير احسن البيان ترجمو مولانا محمد جوناگڙهي ۽ تفسير صلاح الدين يوسف سورة والنجم جي هيٺين آيتن جو تفسير ڪندي لکي ٿو تہ ﴿مَا كَذَبَ الْفُؤَادُ مَا رَاٰى﴾ "جيڪو پيغمبر عليه السلام ڏٺو سندن دل ان جي تصديق ڪئي." ﴿مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغٰى﴾ "نہ نگاهہ هيڏي هوڏي ڀٽڪي ۽ نہ وري (پنهنجي منظر ڪان) اڳتي وڌي وئي." مطلب تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي نگاهہ جي ديد پنهنجي محبوب ازلي جو رڄي ديدار ڪيو. معراج واري رات سدرة المنتهي جي منظر جو مشاهدو هن طرح هيو تہ سون جا پروانا ان جي چوڌاري چڪر لڳائي رهيا هيا ۽ رب جي تجليات جو نظارو چٽي طرح نظر تي آيو. هن مقام تي نبي ڪريم ﷺ جن کي ٽن عظيم تحفن سان نوازيو ويو. پنج وقت جون نمازون، بقره سورة جو آخري آيتون ۽ جو بہ مسلمان شرڪ جي ملاوٽ ڪان محفوظ رهندو ان جي بخشش ۽ مغفرت جو واعدو. (صحيح مسلم حديث ١٧٣)

هن سفر ۾ جبرئيل عليه السلام کي سندس اصلي صورت ۾ ڏسڻ، سدرة المنتهي تي تجليات رباني جو مشاهدو ڪرڻ ۽ قدرت جي بين ڪيترن ئي عجيب و غريب نظارن جو ديدار ڪرڻ، جن جا تفصيل ڪيترين ئي صحيح حديثن ۾ موجود آهن جيڪي معراج جي هن مبارڪ سير ۾ ڪين نصيب ٿيا.

تفسير عثماني ترجمو حضرت مولانا محمود الحسن ۽ تفسير حضرت مولانا شبير احمد عثماني، والنجم سورة جي هنن آيتن جي تفسير ۾ سدرة المنتهيٰ جي ڪيفيت بيان ڪندي لکي ٿو تہ: الله تبارڪ وتعاليٰ جي تجليات جا انوار هن درخت تي وسي رهيا هيا. درخت جي هر پن تي فرشتو موجود هيو. بعض روايتن موجب ﴿مَا يَغْشٰى﴾ يعني سنهري پروانا

موجود هيا. اهو نهايت خوش رنگ ۽ دلفريب منظر هيو. جنهن کي ڏسي دل خود بہ خود ڇڪجي اچي.

کشش اهڙي تہ آهي جو جهکي ٿو خود بخود گردن،
سکن ٿا ديد ٿين دلدار جي ديدار تان صدقي.
(سرشار عقيلي)

ان وقت هن ٻيري جي وڻ جو حسن و جمال ۽ سونهن سوپيا اهڙي تہ هئي، جنهن جو بيان ڪرڻ مخلوق جي وس ۾ ناهي. حضرت ابن عباس ۽ ٻين صحابه ڪرام رضي الله تعالي عنهم جي چواڻي تہ هنن آيتن ۾ جيڪو الله تعاليٰ جو حضور جن کي ديدار نصيب ٿيو ان جو هت ذڪر ٿيل آهي. اهو ديدار رڳو قلب سان نہ پر اکين مبارڪ سان بہ هيو جيڪو ﴿مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغٰى﴾ "ديدار وقت اکيون نہ هيڏي هوڏي ڦٽڪيون ۽ نہ وري مرڪز ديدار کان اڳتي ڪنهن ٻئي طرف نهاريو" مان ثابت آهي.

تفسير ابن ڪثير جي مصنف ابن ڪثير جي قول مطابق مجاهد، ابن عباس رضي الله عنهما جي خاص اصحاب مان آهي، جنهن جي چواڻي تہ هن ملاقات ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي قلب ۽ اکين مبارڪ کي ديدار عطا ٿيو. طبراني ۾ ابن عباس رضي الله عنه جي جيڪا روايت آهي رَاٰهُ مَرَّتَيْنِ مَرَّةً بِقَلْبِهٖ وَمَرَّةً بِبَصَرِهٖ هت بہ پيرا ڏسڻ جو مطلب اهو آهي تہ هڪ ئي وقت ۾ ٻن طريقن سان ڏٺو يعني ظاهري اک سان پڻ ۽ دل جي اک سان پڻ. الله تبارڪ وتعاليٰ جو هي ديدار يا رؤيت اها نہ آهي جيڪا ﴿لَا تُدْرِكُهُ الْاَبْصَارُ﴾ (انعام۱۰۳) الله جو ادراڪ اکين سان ڪري نٿو سگهجي، ۾ چيل آهي. ڇو تہ هن آيت مبارڪ ۾ خدا جي ادراڪ يعني ان کي پنهنجي اکين جي دائري ۾ آڻي ڇڏڻ يا ان جي حقيقت جو احاطو ڪرڻ جي نفي ٿيل آهي. جنهن جو مطلب آهي تہ نگاهون ذاتِ باري تعاليٰ جو احاطو ڪري نٿيون سگهن ۽ ان جي ڪنه يا هيئت ۽ حقيقت تائين پهچي نٿيون سگهن. پر ان جي اکين سان ديدار ڪرڻ جي نفي نہ آهي. جڏهن حضرت ابن عباس رضي الله عنه

کان پڇيو ويو تہ اکين سان ديدار ڪرڻ ﴿لَا تُدْرِكُهُ الْأَبْصَارُ﴾ اکيون الله جو ادراڪ ڪري نٿيون سگهن. جي آيت جي نفي آهي. تہ پاڻ فرمايائون تہ وَيْحَكَ ذَاكَ إِذَا تَجَلَّى بِنُورِهِ الَّذِي هُوَ نُورُهُ (ترمذي جي روايت) هاءِ! هاءِ اها الله جي نور جي تجلي هئي جيڪو ان جو نسورو نور آهي. معلوم ٿيو تہ خداوند ڪريم جون ڪي تجليات ڏسڻ جو ڳيون آهن ۽ ڪي اکين جي گرفت کان آجيون آهن. هت انهن تجليات رباني جو ديدار مقصود آهي جيڪي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي اعليٰ مقام ۽ شان جي مطابق آهن. جهڙي طرح آخرت ۾ بہ مؤمنن جي اکين ۾ اهڙي چمڪ ايندي جو هو پنهنجي رب جو ديدار ڪري سگهندا. اهڙي طرح هت بہ معراج جي موقعي تي خداوند ڪريم پنهنجي محبوب کي هڪ خاص قسم جي نوراني نظر عطا ڪئي. جنهن سان هن پنهنجي محبوب ازلي جو ديدار ڪيو. هي خصوصيت پاڻ ڪريم ﷺ جن کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ بني بشر کي نصيب نہ ٿي آهي. اکين جي هن ديدار کان پوءِ حضرت عائشه رضي الله عنها پاران انهيءَ آيت جي دليل سان اکين جي رؤيت واري تعبير حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جي هن چٽي تفسير کان پوءِ ختم ٿي ويجي ٿي. حضرت عائشه رضي الله عنها ادراڪ يعني اکين سان احاطي ڪرڻ جي نفي ڪري رهي آهي جڏهن تہ هتي ابن عباس رضي الله عنهما ديدار جي اثبات ۾ دليل ڏئي رهيو آهي. خود ابوذر رضي الله عنه جي پاڻ ڪريمن ﷺ جن کان اها روايت تہ رَأَيْتُ نُورًا "مون نور جو ديدار ڪيو." يا نُورًا إِنِّي أَرَاهُ "جيڪو مون ڏٺو سو سراپا نور ئي نور هيو." خداوند ڪريم جو بہ ارشاد آهي ﴿اَللّٰهُ نُوْرُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ﴾ الله زمين ۽ آسمانن جو نور آهي. (سورت نور ٣٥ آيت) ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن لاءِ فرمان خداوندي آهي: ﴿قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّ كِتٰبٌ مُّبِيْنٌ﴾ (مائده ١٥) "اوهان ڏانهن الله پاران نور ۽ روشن ڪتاب موڪليا ويا آهن." هت نور مان ڪن جي راءِ موجب مراد پاڻ ڪريمن ﷺ جي ذات مبارڪ آهي. گويا هن معراج واري ديدار ۾ عڪس نور رباني جو نور الاهي سان مشاهدو ٿيو

معراج جي هن واقعي کي علامه بوصيري رحمة الله عليه قصيده برده ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي:

سَرَيتَ مِن حَرَمٍ لَيلًا اِلٰى حَرَمٍ
كَمَا سَرَى البَدرُ فِى دَاجٍ مِنَ الظُّلَمِ
هڪ حرم کان ٻئي حرم تشريف فرما ٿيا ائين،
چنڊ چوڏهين جو ڪري ٿو، سير اونداهه ۾ جيئين.

وبِتَّ ترقَى اِلٰى أن نِلْتَ مَنزِلَةً
مِن قَابَ قوسَيْنِ لم تُدرَكْ ولَم تُرَمِ
اعليٰ منزل قاب قوسين ماڻي تون خير الانعام،
جستجو ادراڪ کان آهي مٿي تنهنجو مقام.

وقَدَّمَتْكَ جميعُ الأنبياءِ بِهَا
والرُّسلِ تقديمَ مخدومٍ عَلٰى خَدَمِ
انبياء ۽ مرسلن توکي بنايو اُت امام،
خادمن ۾ جيئن ٿئي مخدوم جو ٿو احترام.

وأنتَ تَختَرِقُ السَّبعَ الطِّبَاقَ بِهِمْ
فِىْ مَركَبٍ كُنتَ فِيهِ صَاحِبَ العَلَمِ
پنهنجي لشڪر ساڻ گڏ تو طئي ڪيا ست آسمان،
جنهن جو تون سرواڻ ۽ صاحبِ علم صاحبِ نشان.

حتى اذا لم تدَعْ شَأْوًا لِمُستَبِقٍ
مِنَ الدُّنُوِّ ولا مَرقًى لِمُستَنِمِ
تنهنجي قربت واري منزل جي نہ پهتو ڪو قريب،
اهڙو اعليٰ مرتبو ٻي ڪنهن کي ناهي ٿيو نصيب.

خَفَضْتَ كُلَّ مَقَامٍ بِالْإِضَافَةِ اِذ
نُودِيتَ بِالرَّفعِ مثلَ المُفرَدِ العَلَمِ

تنهنجي قربت جي بنسبت پست هر هڪ جو مقام،
تون سڏايو وئين بلنديءَ تي، يگانا نيڪ نام.

ڪي ما تَفُوزَ بِوَصْلٍ أَيِّ مُسْتَتِرٍ
عَنِ الْعُيُونِ وَسِرٍّ أَيِّ مُنْكَتِمٍ

تيو وصال رب اهڙو جو اکين کان هو ڳجهو
راز دان اهڙو جو ان جي راز کان واقف نہ ڪو.

فَحُزْتَ كُلَّ فَخَارٍ غَيْرَ مُشْتَرَكٍ
وَجُزْتَ كُلَّ مَقَامٍ غَيْرَ مُزْدَحَمِ

فخر جو هر مرتبو بس توکي تنها ٿيو عطا،
هر بلندي طئي ڪئي تو بيپڙ ۽ رش کان سواءِ.

وَجَلَّ مِقْدَارُ مَا وُلِّيتَ مِنْ رُتَبٍ
وَعَزَّ إِدْرَاكُ مَا أُولِيتَ مِنْ نِعَمِ

تنهنجي اعليٰ مرتبن جو آهي اعليٰ قدر و شان.
توکي حاصل نعمتن جو فهم مشڪل عقل کان.

صاحب لغات القرآن ﴿فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ أَوْ أَدْنَىٰ﴾ ٻن ڪمانن (جي وچ وارو) فاصلو يا ان کان بہ گهٽ فرق ۾ لکي ٿو تہ: قرآن ڪريم جي هي آيت سڳوري مقام نبوت جي رهنمائي ڪري ٿي تہ معراج ۾ ڪيتري قربت نصيب ٿي. جاهليت جي زماني ۾ عربن جو رواج هوندو هيو تہ جڏهن بہ ٻہ ڄڻا يا ٻہ ڌريون هڪ ٻئي سان مضبوط عهد و پيمان ڪندا هيا تہ هر هڪ ڌر يا هر هڪ ڄڻو پنهنجي هڪ ڪمان کڻي ايندو هيو ۽ ٻنهي ڪمانن کي هڪ ٻئي مٿان اهڙي طرح گڏ ملائيندا هيا، جو ٻئي ڪمانون ڄڻ هڪ ٿي وڃن ۽ پوءِ انهن مان گڏجي هڪ تير هلائيندا هيا. جنهن جو مطلب هيو تہ اڄ کان وٺي اسان ٻئي هڪ جان ٻہ قالب آهيون، هڪ جي رضامندي ٻئي جي رضا مندي آهي. هڪ جي خواهش ٻئي جي خواهش آهي ۽ ٻئي گڏجي هڪ ٿي وڃڻ جو وچن ڪيون ٿا. پاڻ ڪريم ﷺ جن سان بہ گويا اهو ساڳيو عهد ۽ وچن مقصود آهي، ڇو تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي

رضا خدا جي رضا، سندن اطاعت خدا جي اطاعت، سندن محبت خدا سان محبت آهي، جنهن جي تعبير ﴿فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى﴾ جي الفاظ ۾ ڪئي وئي آهي. نبي ڪريم ﷺ جن جي هن انوکي ۽ اعليٰ مقام جي نشاندهي ڪندي قرآن حڪيم ۾ الله تعاليٰ پنهنجي محبوب سان مخاطب آهي تہ ﴿فَلَمْ تَقْتُلُوْهُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ قَتَلَهُمْ وَمَا رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى﴾ ”بدر جي ميدان ۾ ڪفار ۽ مشرڪن ڪي (تلوارون هٽي) تو قتل نہ ڪيو پر ڄڻ انهن ڪي الله قتل ڪيو هو. تو انهن تي تير نہ هلايا آهن، پر الله تير هلايا آهن.“ الله تعاليٰ پنهنجي محبوب جي هن محبوب عمل ڪي پنهنجو عمل سڏي ٿو: ﴿اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ اِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ اللّٰهَ يَدُ اللّٰهِ فَوْقَ اَيْدِيْهِمْ﴾ (الفتح ٤٨-١٥) ”جيڪي ماڻهو تنهنجي بيعت ڪري رهيا آهن دراصل اهي الله سان بيعت ڪري رهيا آهن (بيعت وقت انهن جي هٿن مٿان تنهنجو هٿ) ڄڻ الله جو هٿ انهن جي مٿان آهي.“ گويا هٿ رسول پاڪ ﷺ جي هٿ ڪي خداوند ڪريم پنهنجو هٿ سڏي رهيو آهي. خدا ۽ ان جي رسول ﷺ جو تعلق ڪجھ اهڙو آهي، جيڪو بلڪل هم آهنگي وارو آهي جنهن ڪي غالب هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

تیر قضا ہر آئینہ در ترکش حق است،
اما کشاد آن از کمان محمد است.

”قضا جو تير توڙي ڪٿي الله جي ترڪش ۾ آهي مگر ان جو نشان محمد ﷺ جن ڪمان مان ٿئي ٿو.“ اهو مقام صرف ۽ صرف حضور ﷺ جن جو آهي: ﴿ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ﴾ اقبال مقام مصطفيٰ ﷺ ڏانهن نگاه وجهندي چوي ٿو.

کی محمد سے وفا تو نے تو ہم تیرے ہیں،
یہ جہاں چیز ہے کیا، لوح و قلم تیرے ہیں۔

الله تعاليٰ ۽ سندن محبوب جي هم آهنگي ڪي حضرت خسرو هن طرح بيان ڪيو آهي.

من تو شدم، تو من شدی، من تن شدم، تو جاں شدی،
پس کس نہ گوید بعد زیں من دیگرم تو دیگری۔

مان تون ۽ تون مان ٿي ويا سون، مان تن ۽ تون جان آهين. اڄ کان پوءِ ڪو ائين نہ چوي تہ مان ٻيو ۽ تون ٻيو آهين.

پيٺائي گهوٽ بہ هن جي منظر ڪشي هن طرح ڪئي آهي:

ڪاتبَ! لِکِن جيئن، لايو لامُ اَلف سين،
اَسان سِجَنُ تيئن، رهيو آهي روح ۾.
ڪڙو منجهہ ڪڙي جيئن لوهار لپيٽيو
منهنجو جيءُ جڙي سپريان سوگهو ڪيو
پري تير ڪمان ۾ ميان مار نہ مون
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي تو کي لڳي
احد احمد پاڻ ۾ وچان ميم فرق
آهي مستغرق عالم انهيءَ ڳالهہ ۾

سورة بني اسرائيل جي آيت ڪريمہ ﴿وَمَا جَعَلْنَا الرُّءْيَا الَّتِيْٓ اَرَيْنٰكَ اِلَّا فِتْنَةً لِّلنَّاسِ﴾ (بني اسرائيل ٦٠) ”اسان اوهان کي (معراج جي رات) جو ڪجهہ ڏيکاريو اهو ماڻهن لاءِ هڪ امتحان هيو.“ جي تشريح ڪندي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي اهو رسول الله ﷺ جن جو اکين ڏٺو حال هيو. جيڪو هنن ان رات ڏٺو هيو. جنهن رات کين بيت المقدس جو سير ڪرايو ويو هيو ۽ ان آيت ۾ شجره ملعونہ جو جيڪو ذڪر آهي اهو ٿوهر جو ٻوٽو آهي. (ڪتاب محمد رسول الله ﷺ)

حضرت عائشه رضي الله عنها معراج جي رات حضور ﷺ جن جي رب کي ڏسڻ کان انڪار ڪيو آهي ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جن کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي خدا جي انهن اکين سان زيارت ڪئي آهي. حضرت ابو ذر رضي الله عنه، حضرت ڪعب رضي الله عنه جو بہ اهو ئي قول آهي، حضرت حسن رضي الله عنه جن بہ حليفه اهو ئي بيان ڪندا هيا. حضرت ابن

مسعود رضي الله عنه، حضرت احمد بن حنبل رحمة الله عليه ۽ ٻين اصحابن سڳورن جي هڪ وڏي جماعت به ظاهري ديدار الاهي جي قائل آهي. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جن جو چوڻ هيو ته حضرت ابراهيم عليه السلام کي خليل جي نسبت ملي، حضرت موسيٰ عليه السلام کي هم ڪلامي جي سعادت نصيب ٿي ته پوءِ اوهان کي هن تي تعجب ڇو آهي، ته آنحضرت ﷺ جن کي ديدار الاهي جو شرف حاصل ٿئي. حضرت عڪرمه رحمة الله عليه کان مروي آهي ته حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان پڇيو ويو ته ڇا معراج جي رات آنحضرت ﷺ جن پنهنجي رب کي هنن اکين سان ڏٺو هيو ته پاڻ فرمايائون ته ها. امام نووي صحيح مسلم جي شرح ۾ لکي ٿو ته معراج جي واقعي ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جي حديث اصل بنياد آهي، ڇو ته حضرت ابن عباس رضي الله عنهما امت محمديه جو نهايت وڏو عالم آهي ۽ مشڪل مسئلن ۾ امت ان ڏانهن ئي رجوع ڪندي هئي. ايتري قدر جو حضرت عمر رضي الله عنه جن به مسئلي ۾ ان ڏانهن رجوع ڪيو ۽ ڪيس خط لکي پڇيو ته ڇا حضرت محمد ﷺ معراج جي رات خدا کي ڏٺو هيو. پاڻ انهن کي جواب ڏنو ته ها ڏٺو هيو. ان ڪري حضرت عائشه جي حديث هن حقيقت ۾ ڪو به عيب يا نقص پيدا نه ٿي ڪري. ڇو ته حضرت عائشه رضي الله عنها پنهنجي حديث ۾ اهو ڪو نه چيو آهي ته هن اهو حضور ﷺ جن کي فرمائيندي ٻڌو ته معراج واري رات مون پنهنجي رب کي نه ڏٺو آهي. ليڪن هن جيڪو ڪجھ چيو آهي اهو قرآن ڪريم جي هن آيت شريف جي تشريح ۽ تاويل ڪندي فرمايو آهي: ﴿وَمَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّكَلِّمَهُ اللّٰهُ اِلَّا وَحْيًا اَوْ مِنْ وَّرَآئِ حِجَابٍ اَوْ يُرْسِلَ رَسُوْلًا فَيُوْحِيَ بِاِذْنِهٖ مَا يَشَآءُ ۭ اِنَّهٗ عَلِيٌّ حَكِيْمٌ﴾ (الشوري ۵۱)

**تَرْجَمَهُ:** ”ڪنهن بشر لاءِ هي ممڪن نه آهي ته الله تعاليٰ ان سان براه راست ڪلام ڪري سواءِ وحي جي ذريعي. يا پردي جي پويان يا خدا پنهنجي قاصد کي ان ڏانهن موڪلي، جيڪو الله جي حڪم سان جيڪو هو چاهي وحي ڪري. بيشڪ هو برتر ۽ حڪمت وارو آهي.“

اهڙي طرح اهو قول ﴿لَا تُدْرِكُهُ الْأَبْصَارُ﴾ (الانعام ۳۰) ”اکيون الله جو ادراک نہ ٿيون ڪري سگهن“ جو مفهوم پڻ آهي. پر جڏهن ابن عباس رضي الله عنهما جن کان حضور ﷺ جن جو الله تعاليٰ جي اکين ڏٺي ديدار سان مشرف ٿيڻ جون روايتن موجود آهن ۽ ٻين ڪيترن ئي صحابه ڪرام انهن جي تصديق ڪئي آهي تہ پوءِ انهن کي تسليم ڪرڻ لازمي آهي. ڇو تہ هي اهڙو واقعو آهي جنهن جو نہ عقل ذريعي احساس ۽ ادراڪ ٿي سگهي ٿو ۽ نہ هي ظن ۽ گمان سان معلوم ڪري سگهجي ٿو. بلڪ هن جو تعلق رڳو روايت تي آهي ۽ ڪو بہ ماڻهو حضرت ابن عباس رضي الله عنهما لاءِ اهو گمان بہ نہ ٿو ڪري سگهي تہ هن جي اها پنهنجي ذاتي راءِ آهي. جڏهن حضرت عائشه رضي الله عنها ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جي روايت ۾ اختلاف جي خبر ظاهر ٿي تہ حضرت معمر بن راشد رضي الله عنه چيو تہ حضرت عباس رضي الله عنهما امت جو وڏو عالم آهي. ان کان سواءِ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ان کي پاڻ ڪريمن ﷺ کان ثابت ڪيو آهي. حضرت عائشه رضي الله عنها جي هن حديث کي معتبر محدثين صحيح مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي ۽ زياده بحث هن کان اڳ ٿي چڪو آهي. جمهور علماء وٽ بہ اهو ئي قول تسليم ٿيل آهي، معراج جي رات آنحضور ﷺ خداوند تعاليٰ کي پنهنجن اکين سان ڏٺو ۽ سورة الاسراء ۽ سورة نجم ۾ بيان ٿيل سير هڪ رات ئي ٿيو آهي. جنهن کي معراج جي رات سڏجي ٿو صحيح بخاري باب الاسراء ” نماز ڪيئن فرض ٿي“ ۾ ان جو پورو تفصيل ڏنو آهي.

**معراج بيت المقدس کان ڇو:** پاڻ ڪريم ﷺ جن کي معراج واري رات مڪي مڪرمه کان سڌو عالم بالا ڏانهن ڇو نہ ڪنيو ويو ۽ ڦيرايائين ڪين مڪي مڪرمه کان بيت المقدس ڇو آندو ويو. هن ۾ اها حڪمت پوشيده آهي تہ جڏهن حضور ﷺ، جن ماڻهن کي اهو ٻڌايو تہ ڪين هڪ رات جي ڪجهه حصي ۾ مڪي کان بيت المقدس جو سير ڪرايو ويو آهي، تہ اهو ڪافرن کي ناممڪن نظر آيو. ان ڪري ان بيت المقدس جا پتا پار

پڇڻ شروع ڪيا. چو تہ ڪين خبر هئي تہ حضور ﷺ، جن جو ڪڏهن بہ بيت المقدس وڃڻ ڪو نہ ٿيو آهي، ان ڪري ڪين پوري چاڻ نہ هوندي ۽ صحيح جواب ڏئي نہ سگهندو. پر حضور ﷺ، هر سوال جو ڇنو ڇنو ۽ بالڪل درست جواب ڏنو ۽ قريش جي ان تجارتي قافلي بابت بہ ٻڌايو جيڪو هن سير دوران ڪين شام واري رستي تي نظر آيو هيو ۽ قافلي وارن بہ ڪجھ وقت کان بعد پهچي ان ڳالهہ جي تصديق ڪئي. بيت المقدس ڏانهن سفر هن ڳالهہ جو بہ اشارو هيو تہ هاڻي بيت المقدس بدران مسلمانن جو مرڪز ڪعبة الله ٿيڻو آهي ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ، جن کي نبي قبلتين جو تاج عطا ٿيڻو آهي ۽ ابراهيم عليه السلام جن جي وراثت جيڪا اسماعيل عليه السلام ۽ اسحاق عليه السلام جي ذريعي الڳ الڳ ٿي وئي هئي هاڻي هڪ جاءِ تي اچڻ واري آهي جنهن جو وڏيڪ تفصيل هن کان اڳ گذري چڪو آهي.

معراج جو واقعو قانون فطرت جي خلاف واقعو نہ آهي مگر هي خارق العادت يعني عام عادت جي خلاف جي ڳالهہ آهي ۽ معجزو سڏبو ئي اهڙي واقعي کي آهي جيڪو عام عادت جي خلاف هجي، جهڙي طرح قرآن حڪيم بہ هڪ معجزو آهي ۽ شق القمر سندن هڪ معجزو آهي. اهي معجزا ڪو عام قصو نہ آهن پر حقيقت آهن جيڪي الله قادر مطلق جي اذن ۽ اجازت سان آهن.

معراج جي معجزي تي اعتراض ڪرڻ وارن کي معلوم هجڻ گهرجي تہ سورة النمل ۾ آيت ۳۸ کان ۴۴ تائين آيو آهي تہ جڏهن سليمان عليه السلام پنهنجي سردارن کي مخاطب ٿيندي فرمايو تہ اوهان مان ڪو اهڙو آهي، جيڪو بلقيس جي مسلمان ٿي هت اچڻ کان اڳ هن جو هتي تخت ڪٽي اچي، جنهن تي هڪ قوي هيڪل جواب ڏنو تہ اوهان اجان هن مجلس ۾ ويٺل ئي هوندا تہ مان ان تخت کي توهان وٽ آڻي پيش ڪندس ۽ يقين ڪريو تہ مان انهيءَ ڪرڻ تي قادر آهيان ۽ امانت وار پڻ. انهيءَ دوران هڪ شخص چيو جنهن وٽ ڪتاب جو علم هيو تہ مان اهو اک ڇنڀ ۾ آڻي سگهان ٿو ۽ ائين ٿي بہ ويو. جڏهن هڪ صاحب علم بيبي بلقيس جو تخت

يمن کان شام تائين اک ڇنڀ ۾ آڻي سگهي ٿو ۽ هڪڙو جن ٿوري عرصي ۾ آڻڻ جو يقين ڏياري ٿو ته ڇا الله جي ذات پاڪ پنهنجي عظيم پيغمبر ۽ حبيب ﷺ جن کي مکي مکرمه کان بيت المقدس وٺي وڃي نه ٿي سگهي. جيڪڏهن الله لاءِ اهو ممکن آهي ته پوءِ الله تعاليٰ کين بيت المقدس کان عالمِ بالا تائين وٺي وڃڻ ۽ پنهنجي غيب جا خزانا سندس آڏو کولي رکڻ تي به قادر آهي. اهڙي طرح سورة سبا جي آيت نمبر ۱۲ ۾ آيو آهي ﴿ وَلِسُلَيْمٰنَ الرِّيْحَ غُدُوُّهَا شَهْرٌ وَّ رَوَاحُهَا شَهْرٌ ﴾ ”۽ اسان سليمان عليه السلام لاءِ هوا کي مسخر ڪيو. جنهن ڪري هن جي صبح جي منزل هڪ مهيني جي ۽ شام جي منزل هڪ مهيني جي هئي.“ حضرت سليمان پنهنجي سردارن ۽ لشڪر سان گڏ تخت تي ويهي ويندا هيا ۽ اهو تخت (اذن الاهي سان) سندن حڪم سان هڪ ڏينهن ۾ ٻن مهينن جو سفر ڪري ويندو هيو. جڏهن قرآن حڪيم ۾ بيان ٿيل هنن معجزن کي تسليم ڪجي ٿو ته پوءِ معراج شريف بابت عقل جي انڌن جا اعتراض اجايا آهن. شايد هو خدا جي قدرت جا قائل نه آهن يا هو الله کي به پاڻ وانگر بي بس سمجهي رهيا آهن. لڳي ٿو ته نه کين خدا جي قادر مطلق ﴿ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴾ تي يقين آهي ته نه وري خدا جو جيڪو انبياء عليهم السلام سان خاص معاملو آهي ان جي ڄاڻ آهي. بيبي بلقيس جي تخت ۽ حضرت سليمان عليه السلام جي هوا تي حڪمراني جو معاملو جيڪڏهن سچ آهي ۽ آهي به سچ ته پوءِ حضور ﷺ جن جو براق ذريعي جبرئيل عليه السلام سان گڏ الله جي اذن سان مکه مکرمه کان بيت المقدس ۽ اتان عرش عظيم جو سير ۽ تجليات الهي جو ديدار سچ ۽ حقيقت ڇو نه ٿا ٿي سگهن. خدا جي قادر مطلق هجڻ جي دليلن سان پورو قرآن پريو پيو آهي. حضرت آدم عليه السلام جي بنا ماءُ پيءُ جي خلقت، حضرت عيسيٰ عليه السلام جي بغير والد جي ولادت، حضرت عيسيٰ عليه السلام جو خدا جي اذن سان مئلن کي زنده ڪرڻ، مٽي مان پکي جو بوتو ناهي ان ۾ ساه وجهڻ ۽ اهو ٻڌائڻ ته اوهان جي گهر ۾ ڇا پکو آهي. مادر ذات انڌهي ۽ ڪوڙهي کي هٿ لاهڻ سان تندرست ڪرڻ، حضرت

موسيٰ لاءِ درياء کي چيرڻ ۽ فرعون جي لشڪر کي ان ۾ غرق ڪرڻ، اُصحاب ڪهف کي ٽي سو سال تائين موت جي حالت ۾ رکڻ ۽ بعد ۾ زنده ڪرڻ، حضرت ابراهيم جو پکين کي کهي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ ۽ جدا جدا جاين تي رکڻ ۽ بعد ۾ کين سڏ ڪرڻ تي انهن جو زنده ٿي اچڻ، يا سورة بقره جي آيت ۲۵۹ ۾ ان شخص جو قصو جنهن کي الله تعاليٰ هڪ سو سال تائين موت جي حالت ۾ رکيو ۽ ان کان پوءِ کيس زنده ڪيو ۽ سندس کاڌي پيتي جي شين کي انهيءَ عرصي دوران تازو رکڻ ۽ سندس گڏهه جو بوسيده هڏيون تي وجڻ کان پوءِ وري جيئرو ٿيڻ ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي خدا جي قدرت جا مثال آهن، جيڪي قرآن ڪريم ۾ موجود آهن.جڏهن اهي سڀ حقيقتون سچ ۽ برحق آهن ته پوءِ ان قادر مطلق ذات لاءِ معراج جو هي معجزو ڪهڙي طرح ناممڪن آهي!!؟ معراج کي ائين مڃڻ ته اهو جسماني بيداري جي عالم ۾ هنن اکين جي مشاهدي سان ٿيو خدا ۽ ان جي پياري رسول تي ايمان آڻڻ جو شرط آهي.

سورة اسراء جي پهرين آيت جي شروعات ﴿سُبۡحَٰنَ ٱلَّذِيٓ أَسۡرَىٰ﴾ سان ڪئي وئي آهي جنهن جو مقصد آهي ته هي نهايت اهم ۽ عظيم واقعو آهي جيڪو هر شڪ شبهي کان پاڪ ذات جي پاران ٿي رهيو آهي ۽ آيت جي آخر ۾ آهي ته اهو خدا سميع ۽ بصير آهي يعني ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ يا ائين چئجي ته ٻڌڻ جي قوت آواز (sound) ۽ ڏسڻ جي قوت روشني (Light) تي مڪمل قوت رکندڙ آهي، جيڪو sound ۽ لائيٽ (Light) تي مڪمل قوت ۽ ضابطو رکي ٿو اهو سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو. هن سير ۾ استعمال ٿيل سواري براق به لائيٽ (Light) آهي.

تفسير اظهار العرفان ۾ آهي ته معراج بابت سلف صالحين ۾ اختلاف آهي جنهن ۾ ٽي مذهب آهن، پهريون مذهب آهي ته معراج فقط روحاني آهي، اهو حضرت عائشه رضي الله عنها ۽ امير معاويه جو مسلڪ آهي. ٻيو مذهب آهي ته مسجد اقصيٰ تائين جسماني معراج هيو ۽ آسمانن ڏانهن روحاني معراج ٿيو. ٽيون مذهب سلف صالحين جي اڪثريت ۽

متاخرين مان مسلمانن جي وڏي انگ جو آهي تہ مسجد حرام کان مسجد اقصىٰ ۽ اتان ستن آسمانن کان بہ اڳتي تائين جو معراج جسماني آهي.
(تفسير القرطبي)

امام نووي جو قول آهي تہ اکثر علماء جو اهو خيال آهي تہ معراج هنن اکين سان رب کي ڏسڻ سان ٿيو هيو. (تفسير روح البيان).

معراج کان واپسي وقت ذي طوىٰ جي مقام تي حضور ﷺ جن حضرت جبرئيل عليه السلام کي چيو تہ منهنجي قوم هن واقعي جي تصديق نہ ڪندي ان تي حضرت جبرئيل عليه السلام وراڻيو تہ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه اوهان جي تصديق ڪندو ۽ هو نهايت سچار آهي.(تفسير مظهري)

﴿وَالنَّجْمِ إِذَا هَوٰى﴾ ”قسم آهي ستاري جو جنهن وقت هيٺ آيو.“ بابت حضرت امام جعفر صادق رحمة الله عليه جو قول آهي تہ هت ﴿وَالنَّجْمِ﴾ مان مراد آنحضرت ﷺ جن آهن ۽ ﴿إِذَا هَوٰى﴾ مان مراد جڏهن پاڻ معراج جي رات آسمانن کان هيٺ اچي رهيا هيا مراد آهي. يعني قسم آهي پاڻ ڪريم ﷺ جو جڏهن هو معراج ڪري هيٺ اچي رهيا هئا. تفسير اضواء البيان ۾ ﴿وَالنَّجْمِ﴾ مان مراد قرآن ڪريم ۽ ﴿إِذَا هَوٰى﴾ جو مطلب تہ جڏهن نازل ٿيو آهي، يعني قرآن ڪريم جڏهن کان نازل ٿي رهيو آهي ان جو قسم آهي تہ هي رسول ڪريم ﷺ نہ راهہ کان ڀٽڪيو آهي ۽ نہ وري اڻ سڌي يا ڦڏي رستي تي آهي.

تفسير فيوض القرآن ۾ آهي تہ حضرت جبرئيل عليه السلام ۽ براق سدرة المنتهىٰ وٽ رڪجي ويا. اتان ڪين ٻي سواري ملي جنهن کي رف رف سڏيو وڃي ٿو ۽ باقي مٿي وڃڻ جو سفران ذريعي جاري رهيو. خدا جي طرفان ندا ايندي رهي تي تہ اِلَيَّ اِلَيَّ ”مون ڏانهن مون ڏانهن هلندا اچو“عرش کان بالاءِ عرش جو سفر آهي ۽ نوراني سواري تي نُوْرُ السَّمٰوٰتِ جو پيارو رسول ﷺ ان جو عبد. حضوري لاءِ منزلون طي ڪري رهيو آهي ۽ انهيءَ قرب ۽ ديد سان نوازيو وڃي ٿو جنهن جو ذڪر سورة والنجم ۾ آهي. هي بي مثال رب جي بي مثال نوازش آهي. جنهن جو مثال ڏئي نٿو سگجهي.

هي خصوصي عطا آهي جيڪا خاتم النبيين لاءِ خاص آهي.

محمد بن اسحاق جي روايت موجب حضرت معاويه بن سفيان کان جڏهن معراج جي واقعي بابت پڇيو ويو تہ هن چيو اهو سچو خواب آهي. حضرت عائشه رضي الله عنها جو مذهب آهي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن حضرت جبرئيل عليه السلام کي ڏٺو هيو. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جي روايت آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ سدرة المنتهٰي وٽ خود خدا کي ڏٺو هيو. فتح الباري شرح بخاري ۾ آهي تہ لَمْ يَرَهُ رَسُوْلَ اللهِ بِعَيْنِهِ اِنَّمَا رَاٰهُ بِقَلْبِهٖ. (فتح الباري ج٨ ص ٤٦٨) اکين سان نہ ڏٺو پر قلب سان ڏٺو. قلب جي مشاهدي جي رمز کي رڳو اهي سمجهي سگهن ٿا، جن کي دل ۾ نورِ بصيرت آهي ۽ دل جي مشاهدي جي طاقت رکن ٿا.

حضرت شاه ولي الله دهلوي حجة الله البالغه ۾ چيو آهي تہ معراج بيداري جي حالت ۾ جسماني طور ٿيو ۽ هي عالم برزخ جو سير هيو. جتي جسم تي روح جا خواص (خصوصيتون) طاري ڪيا ويا. يعني جسم تي روح جا احڪام جاري ٿيا ۽ روح تي هي معاملا روحاني جسم جي صورت ۾ ظاهر ٿيا ۽ پوءِ ڪين مختلف آيتن ۽ حقيقتن جو عيني مشاهدو ڪرايو ويو.

جمهور جو اهو ئي مذهب آهي تہ معراج جسماني ۽ بيداري جي حالت ۾ هيو. قاضي عياض "شفا" ۾ ۽ امام نووي "شرح مسلم" ۾ لکيو آهي تہ سلف صالحين جو وڏو انگ ۽ متاخرين جا فقهاء محدثين ۽ متڪلمين سڀ انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن تہ معراج جسماني ٿيو. ابن جرير طبري کان وٺي امام رازي تائين مفسرن انهيءَ مسلڪ جي تائيد ۾ چار دليل ڏنا آهن.

(١) آيت سڳوري ۾ آهي ﴿اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ﴾ "پنهنجي بانهي کي سيرا ڪرايو" عبد روح ۽ جسم کي گڏي سڏبو آهي. رڳو روح کي عبد ڪونہ چئبو آهي بلڪ روح چئبو.

(٢) پاڻ براق تي سوار ٿيا، کير جو پيالو پيتو، براق جي سواري،

کير جو پيالو پيئڻ، جسماني خاصيتون آهن روح جون نہ آهن.

(٣) جيڪڏهن معراج خواب جو واقعو هجي ها تہ پوءِ ڪافر ان تي ايڏي واءِ ويلا ۽ گوڙ گمسان نہ ڪن ها ۽ ان کي ڪوڙو قرار نہ ڏين ها.

(۴) معراج کي رؤيا واري آيت ۾ آزمائش سڏيو ويو آهي، جيڪڏهن خواب هجي ها تہ پوءِ ان ۾ آزمائش ڪهڙي.

ان کان علاوه هن آيت شريف ۾ يا سورة نجم ۾ ڪٿي بہ خواب جو ذڪر نہ آيو آهي تہ پوءِ ان کي هروڀرو خواب ڇو سڏجي. ائين سمجهہ تہ هن دنياوي نظام جي ڪردارن هن آب و خاڪ جي جهان جا تمام مادي احڪام ۽ قانون ڪجهہ وقت لاءِ معطل ڪري ڇڏيا هيا ۽ زمان و مڪان، سفر ۽ اقامت، ڏسڻ ۽ ٻڌڻ، گفتگو ۽ ڪلام جون تمام طبعي پابنديون ختم ڪري ڇڏيون هيون. جنهن جو مثال هن طرح سمجهڻ گهرجي تہ اوهان هڪ ٽيڪسائل مل جو معائنو ڪري رهيا آهيو، جنهن ۾ ڪٿي ڪپڙو پيو ٺهي، ڪٿي ڪپڙو پيو رنگجي، ڪٿي سٽ پيو صاف ٿئي. ايتري ۾ اوچتو مل جي بجلي بند ٿي وئي تہ جو ڪم جتي هيو اهو اتي جو اتي انهيءَ حالت ۾ رهجي ويو ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ وري بجلي اچي وئي تہ ڪارخاني ۾ جيڪي شيءِ جتي جتي هئي اتان وري اڳتي هلڻ لڳي ۽ ٺهڻ لڳي. اهڙو ئي مثال اصحاب ڪهف ۽ ان شخص جو سورة البقره ۾ ڏنل آهي جيڪو سؤ سال مري وڃڻ بعد زنده ٿيو. هت معراج جي واقعي ۾ بہ دنياوي نظام جو بٽڻ بند ڪيو ويو هيو ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ بٽڻ آن ڪيو ويو ۽ دنياوي نظام وري ساڳي هنڌان هلڻ شروع ٿي ويو.

ڪجهہ ماڻهن کي حديث شريف کي دين جو جز سمجهڻ ۽ مڃڻ ۾ بہ تڪليف ٿيندي آهي جنهن تي الڳ بحث ڪيو ويندو، پر هت رڳو اهو سمجهڻ گهرجي تہ قرآن جا احڪام ۽ حڪمت، صاحب قرآن جي معرفت ئي معلوم ٿي سگهن ٿا. جنهن لاءِ چيو ويو آهي تہ ﴿وَمَا يَنطِقُ عَنِ الْهَوَىٰ ۝٣ إِنْ هُوَ إِلَّا وَحْيٌ يُوحَىٰ ۝٤﴾ (والنجم) ”هو پنهنجي خواهش سان گفتگو نٿو ڪري، مگر جو ڪجهہ چوي ٿو اهو وحي آهي.“ ﴿وَمَا آتَاكُمُ الرَّسُولُ

فَخُذُوهُ وَمَا نَهَاكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوا﴾ ”خدا جو رسول ﷺ جيڪي ڪجهه اوهان کي ڏئي اهو ونو ۽ جنهن کان اوهان کي منع ڪري ان کي ڇڏي ڏيو.“ سو نبي اڪرم ﷺ جي گفتار، ڪردار، سيرت، حديث اسان لاءِ هدايت جي روشني آهن، جن کان سواءِ گمراهه ٿيڻ جو وڏو خطرو آهي. نهايت پارسا، متقي، پرهيزگار، خدا ترس، عالم فاضل عاشقانِ رسول ۽ سرفروشان دينِ خداوندي پاڻ ڪريمن ﷺ جي احاديث ۽ سيرت تي نهايت تحقيق ۽ مشقت وارو ڪم ڪري دين جي هن اهم حصي کي اسان تائين پهچايو آهي. جيڪو اسان لاءِ روشني جو مينار آهي.

خدا رحمت کند اين عاشقانِ پاک طينت را

## معراج بابت چند احاديث مبارڪ جو ذڪر

معراج بابت قرآن حڪيم کان علاوه ڪيترين ئي احاديث مبارڪ موجود آهن. جيڪي تمام وڏن معتبر صحابه ڪرام رضي الله عنهم کان روايت ٿيل آهن. جن جو مضمون لڳ ڀڳ ساڳيو آهي. جن ۾ بيت الحرام کان بيت المقدس ۽ اتان عرش عظيم تائين جو مبارڪ سفر چٽن لفظن ۾ بيان ٿيل آهي. انهن جو انگ ويهارو ڪن روايتن کان به وڌيڪ آهي. جن مان نموني طور ڪجهه روايتن جو ذڪر هن طرح آهي:

حضرت مالڪ بن صعصعه رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ ڪريمن ﷺ جن ڪيس معراج جو واقعو هن طرح بيان ڪيو آهي ته مان حطيم ۾ آرام فرما هيس ته مون وٽ هڪ اچڻ وارو (جبرئيل عليه السلام) آيو ۽ هن هتان کان هتان تائين منهنجو سينو چاڪ ڪيو. راوي جي چوڻ مطابق هن مان سيني جي مٿين حصي کان ناف تائين جو حصو مراد آهي. پوءِ هن منهنجي دل ڪڍي ٻاهر ڪئي، پوءِ ايمان سان ڀريل سون جي هڪ پليٽ آندي ويئي جنهن سان منهنجي دل کي ڌوتو ۽ پيٽ جي اندر واري آلائش صاف ڪئي. پوءِ دل کي پنهنجي جڳهه تي رکي سينو بند ڪري ڇڏيو. پوءِ هڪ سفيد جانور جيڪو خچر کان ننڍو ۽ گڏهه کان وڏو هو مون ڏانهن آندو ويو. راوي جي خيال موجب اهو براق هيو. جنهن پنهنجو قدم اتي رکيو ٿي جتي سندس نگاهه پهتي ٿي، مون کي ان تي سوار ڪيو ويو. حضرت جبرئيل عليه السلام مون کي دنياوي آسمان تائين وٺي ويو ۽ دروازو کولرايو ويو. آواز آيو ڪير آهي؟ چيائين جبرئيل. ڪائنس پڇيو ويو ته هي توهان سان گڏ ٻيو ڪير آهي؟ چيائين محمد (ﷺ) پڇيو ويو ڇا تو کي ان ڏانهن موڪليو ويو هو. چيائين ها. پوءِ هن وراڻيو ته ”اسان ڪيس خوش آمديد چئون ٿا. چو ته هي تمام ڀلارو آهي، جيڪو آيو آهي.“ پوءِ دروازو کوليو ويو ۽ پاڻ اندر تشريف فرما ٿيا. جتي حضرت آدم عليه السلام تشريف فرما هيو. حضرت جبرئيل سندن تعارف ڪرايو ته هي اوهان جو والد (ڏاڏو)

حضرت آدم عليه السلام آهي. پوءِ مون ۽ هن (جبرئيل) آدم عليه السلام کي سلام ڪيو ۽ هن اسان جي سلام جو جواب ڏنو ۽ فرمايائون تہ ”اي نيڪ صالح فرزند خوش آمديد.“ پوءِ جبرئيل مون کي ٻئي آسمان تي وٺي ويو ۽ ان جو دروازو کولرايو. ڪائنس پڇيو ويو ڪير آهي؟ جواب ڏنائين تہ جبرئيل. پوءِ ڪائنس پڇيو ويو تہ هي ٻيو توهان سان ڪير آهي؟ جواب ڏنائين تہ حضرت محمد (ﷺ) جن آهن. ڪائنس پڇيائون تہ ڇا تو کي خدا هن ڏانهن موڪليو آهي. چيائين تہ ها. آسماني دربان چيو تہ ”خوش آمديد ڪهڙو نہ پيارو شخص آيو آهي.“ ائين چئي هن دروازو کولي ڇڏيو. پوءِ مان اندر داخل ٿيس، جتي حضرت يحيٰ ۽ حضرت عيسيٰ عليهما السلام موجود هيا. هي ٻئي پاڻ ۾ ماسات هيا. حضرت جبرئيل عليه السلام مون کي ٻڌايو تہ هي حضرت يحيٰ ۽ عيسيٰ عليهما السلام آهن. اسان هنن ٻنهي کي سلام ڪيو. هنن اسان کي سلام جو جواب ڏنو ۽ چيائون تہ ”اي صالح نبي اي صالح ڀاءُ خوش آمديد.“ پوءِ حضرت جبرئيل عليه السلام مون کي ٽئين آسمان تي وٺي ويو. اتي دروازو کولرايو تہ پڇيائون تہ اوهان ڪير آهيو؟ هن چيو جبرئيل آهيان. پوءِ پڇيائون تہ هي تو سان گڏ ڪير آهي. ٻڌايائين تہ حضرت محمد (ﷺ) جن آهن. چيائين تہ ڇا اوهان کي هن ڏانهن موڪليو ويو هيو. چيائين ”تہ ها.“ چيائين تہ ”ڀلي ڪري آيا. ڪهڙو نہ هي پيارو آيو آهي.“ ائين چئي دروازو کوليو ويو. جڏهن مان اندر داخل ٿيس تہ اتي حضرت يوسف (عليه السلام) کي ڏٺم. پوءِ هن (جبرئيل) هن کي سلام ڪيو ۽ مون بہ ڪيس سلام ڪيو. هن اسان جي سلام جو جواب ڏنو ۽ چيائين ”اي صالح ڀاءُ اي صالح نبي خوش آمديد.“ پوءِ جبرئيل عليه السلام مون کي چوٿين آسمان تي وٺي ويو ۽ ان جو دروازو کولرايو. پڇيو ويو تہ اوهان ڪير آهيو. چيو جبرئيل آهيان. پوءِ پڇيائون تہ هي توسان گڏ ڪير آهي؟ چيائين حضرت محمد (ﷺ) جن آهن. پڇيائون تہ ڇا تو (جبرئيل) کي هن ڏانهن موڪليو ويو هيو؟ چيائين تہ ها. چيائون تہ ”مرحبا هي ايندڙ شخص ڪيڏو نہ پيارو آهي“ ائين چئي دروازو کولي

چڙهيائون. جڏهن مان اندر داخل ٿيس ته اتي حضرت ادريس عليه السلام کي ڏٺم پوءِ هن (جبرئيل) ۽ مون کيس سلام ڪيو. هن سلام جو جواب ڏنو ۽ چيائين ته ”اي صالح برادر، اي صالح نبي ڀلي ڪري آيا.“ پوءِ جبرئيل عليه السلام مون کي پنجين آسمان تي وٺي ويو ۽ هن جو دروازو کولرايو، پڇيائون ته ڪير؟ چيائين ته جبرئيل. پڇيائونس ته هي ٻيو توهان سان ڪير آهي؟ چيائين ته حضرت محمد ﷺ. پڇيائون ته ڇا توکي هن ڏانهن موڪليو ويو هو؟ چيائين ته ها. چيائين ”ڀلي ڪري آيا هي ايندڙ (شخص) ڪيڏو نه ڀلارو آهي.“ جڏهن مان اندر داخل ٿيس ته اتي هارون عليه السلام موجود هيو. حضرت جبرئيل تعارف ڪرايو ته هي هارون عليه السلام آهي. پوءِ مون ۽ هن (جبرئيل) ان کي سلام ڪيو هن سلام جو جواب ڏنو ۽ چيائون ”اي صالح برادر اي صالح نبي خوش آمديد.“ پوءِ حضرت جبرئيل عليه السلام مون کي ڇهين آسمان تي وٺي ويو ۽ اتان جو دروازو کولرايو ته پڇيائون ته ڪير؟ چيائين ته جبرئيل. پڇيائون ته هي توسان ٻيو ڪير آهي؟ چيائين ته محمد (ﷺ) جن آهن. پڇيائون ته ڇا توکي هن ڏانهن موڪليو ويو هو؟ جواب ڏنائين ته ها. چيائون ته ”خوش آمديد هي ڪهڙو نه ڀلارو شخص آهي.“ جڏهن مان اندر داخل ٿيس ته اتي حضرت موسيٰ عليه السلام کي موجود ڏٺم. حضرت جبرئيل عليه السلام چيو ته هي موسيٰ (عليه السلام) آهي. پوءِ مون ۽ هن (جبرئيل) کيس سلام ڪيو. هن جواب ڏنو ۽ چيائين ”اي صالح ڀاءُ اي صالح نبي ﷺ خوش آمديد.“ جڏهن مان اتان وڃڻ لڳس ته حضرت موسيٰ عليه السلام روئي ڏنو. ڪائنس پڇيو ويو ته ڇو ٿو روئين؟ هن چيو ته مان ان ڪري روئان پيو جو مون کان پوءِ هڪ نوجوان کي نبي ڪري موڪليو ويو مگر ان جي امت جا ماڻهو منهنجي امت جي ماڻهن کان وڌيڪ جنت ۾ داخل ٿيندا. پوءِ جبرئيل عليه السلام مون کي ستين آسمان تي وٺي ويو ۽ دروازو کولرايو پڇيائون ته ڪير؟ چيائين جبرئيل. پڇيائون ته هي ٻيو توسان ڪير آهي؟ چيائين ته حضرت محمد ﷺ جن آهن. دربان چيو ”ڀلي ڪري آيا. ڪهڙو ڀلارو شخص آيو آهي.“ جڏهن

مان اندر داخل ٿيس حضرت ابراهيم عليه السلام کي موجود ڏٺم حضرت جبريل عليه السلام ٻڌايو تہ اوهان جو جد اعليٰ (پڙ ڏاڏو) حضرت ابراهيم عليه السلام آهي. پوءِ مون هن کي سلام ڪيو پوءِ هن مون کي سلام جو جواب ڏنو. چيائين ”اي نيڪ صالح فرزند اي صالح نبي ڀلي ڪري آيا.“

پوءِ مون کي سدرة المنتهيٰ تي آندو ويو. مون ڏٺو تہ اتان جا ٻير (مقامِ هجر) جي مٽن برابر ۽ ٻير جا پن هاٿي جي ڪن جي برابر وڏا هئا. حضرت جبرئيل عليه السلام ٻڌايو تہ هي سدرة المنتهيٰ آهي. مون ڏٺو تہ اتي چار نهرون وهي رهيون هيون. ٻہ نهرون مٿي ۽ ٻہ نهرون هيٺ جيڪي پوشيده وهي رهيون هيون. مون جبرئيل کان پڇيو تہ هي ڪهڙيون نهرون آهن. جبرئيل عليه السلام ٻڌايو تہ ٻہ پوشيده نهرون جنت جون نهرون آهن ۽ مٿيون نهرون نيل ۽ فرات جون نهرون آهن. پوءِ بيت المعمور منهنجي سامهون آندو ويو. جنهن ۾ روزانو ستر هزار فرشتا داخل ٿين ٿا. پوءِ مون کي شراب کير ۽ شهد (ماکي) جو هڪ هڪ پيالو پيش ڪيو ويو. مون هنن کان کير جو پيالو کڻي ورتو. جنهن تي جبرئيل وراڻيو تہ هي پيالو انهيءَ صحيح فطرت جي نشاني آهي جنهن تي اوهان ۽ اوهان جي امت قائم رهندي.

پوءِ مون تي روزانو پنجاهہ نمازون فرض ڪيون ويون. واپسيءَ تي منهنجو گذر موسيٰ عليه السلام وٽان ٿيو ۽ انهن پڇيو تہ اوهان کي ڪهڙو حڪم مليو آهي. مون چيو تہ مون کي روزانو پنجاهہ نمازون ادا ڪرڻ جو حڪم مليو آهي، هن (موسيٰ عليه السلام) چيو تہ تنهنجي امت روزانو پنجاهہ نمازون ادا ڪري نہ سگهندي. خدا جو قسم تہ مان تو کان اڳ ماڻهن کي دين جي تبليغ ڪري چڪو آهيان ۽ بني اسرائيل جي ديني اصلاح جي سخت ترين تدبيرون اختيار ڪري چڪو آهيان. مناسب آهي تہ اوهان خدا پاڪ وٽ وري واپس وڃو ۽ پنهنجي امت جي حق ۾ ان بابت تخفيف جي درخواست ڪريو. مون ائين ڪيو تہ حق تعاليٰ مون کي ڏهہ نمازن جي ڇوٽ ڏني. جڏهن مان وري موسيٰ عليه السلام وٽ واپس آيس تہ انهن وري

سا ڳئي ڳالھ دهرائي. چنانچه مان وري بار گاهِ رب العزت ۾ حاضر ٿيس. ته خداوند ڪريم ڏهه نمازن جي وڌيڪ تخفيف ڪئي. وري مان موسيٰ عليه السلام وٽ واپس آيس ته انهن مون کي وري ساڳئي وصيت ڪئي. مون بار گاهِ ايزدي ۾ حاضر ٿي وري تخفيف لاءِ التجا ڪئي ته الله تعاليٰ وڌيڪ ڏهه نمازون معاف ڪري ڇڏيون. پوءِ وري مان حضرت موسيٰ عليه السلام وٽ واپس آيس ته هن وري مون کي ساڳئي نصيحت ڪئي. وري مون بارگاهِ رب العزت ۾ حاضر ٿي وڌيڪ تخفيف جي درخواست ڪئي. خدا وڌيڪ ڏهه نمازون جي تخفيف ڪئي ۽ روزانو ڏهه نمازون ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو. وري مان حضرت موسيٰ عليه السلام وٽ حاضر ٿيس ۽ هنن وري ساڳئي نصيحت ورجائي. مون وري خدا جي بارگاه ۾ تخفيف جي التجا ڪئي ته خداوند ڪريم پنج نمازون باقي رکيون. وري مان حضرت موسيٰ عليه السلام وٽ آيس ته هن پڇيو ته هاڻي اوهان کي ڪهڙو حڪم مليو آهي. مون ٻڌايو ته روزانو پنج وقت نمازن جو حڪم مليو آهي. جنهن تي هن وراڻيو ته تنهنجي امت روزانو پنج نمازون ادا ڪري نه سگهندي. ڇو ته مان توهان کان اڳ اڳين ماڻهن کي آزمائي چڪو آهيان. بني اسرائيل لاءِ سخت ترين تدبيرون اختيار ڪري چڪو آهيان. ان ڪري مناسب آهي ته اوهان وري به خدا جي حضور پيش ٿي پنهنجي امت جي حق ۾ وڌيڪ تخفيف لاءِ عرض گذار ٿيو. مون وراڻيو ته مون خدا وٽ وڃي باربار گذارشون عرض رکيون آهن. هاڻي مون کي شرم اچي ٿو. انهيءَ ڪري مان هاڻي انهيءَ حڪم تي راضي آهيان ۽ ان کي تسليم ڪريان ٿو. جڏهن مان اڳتي وڌيس ته مون کي ڪنهن غيبي آواز واري پڪاريو چيو ته تو منهنجي فرض جو حق ادا ڪيو آهي ۽ منهنجي ٻانهن جو بار هلڪو ڪري ڇڏيو آهي.

(صحيحين ۾) صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ حضرت ابوذر رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ ڪريمن ﷺ جن مڪه مڪرمه ۾ هيا ته سندن گهر جي ڇت کُلي ۽ جبرئيل عليه السلام نازل ٿيو. هن پهريائين سندس سينو

مبارڪ چاڪ ڪيو پوءِ هن کي آب زمزم سان ڌوتو. هن کان پوءِ سون جي هڪ پليٽ جيڪا ايمان ۽ حڪمت سان ڀريل هئي، ان کي سيني مبارڪ ۾ پرتي ان کي بند ڪيو ويو. پوءِ سندن هٿ پڪڙي آسمان تي وٺي ويا. جڏهن آسمان تي پهتا تہ جبرئيل عليه السلام آسمان جي داروغي کي چيو تہ کوليو. هُن پڇيو تہ ڪير؟ هن جواب ڏنو تہ جبرئيل. هُن پڇيو ڇا توسان ڪو ٻيو بہ آهي. هن چيو ها مون سان گڏ محمد ﷺ جن آهن. هن پڇيو ڇا هن کي گهرايو ويو آهي، هن اثبات (هائوڪاري) ۾ جواب ڏنو. پاڻ ڪريمن ﷺ جڏهن پهرين آسمان تي پهتا تہ ڪين هڪ شخص ويٺل نظر آيو. جنهن جي ساڄي کاٻي پاسي ڪيترائي عڪس ۽ پاڇا هئا. جڏهن هو ساڄي طرف ڏسندو هو تہ کلندو هو ۽ جڏهن کاٻي طرف ڏسندو هو تہ روئندو هيو. آنحضرت ﷺ کي ڏسي هن چيو تہ "مرحبا اي نبي صالح، اي فرزند صالح مرحبا." آنحضرت ﷺ جن جبرئيل عليه السلام کان پڇيو تہ هي ڪير آهي؟ هن چيو تہ هي آدم عليه السلام آهي، هن جي ساڄي کاٻي عڪس يا پاڇا (سندن اولاد جا ارواح آهن) ساڄي پاسي وارا جنتي آهن، کاٻي پاسي وارا دوزخي آهن. ان ڪري هو جڏهن ساڄي پاسي ڏسي ٿو تہ کلي ٿو ۽ جڏهن کاٻي پاسي ڏسي ٿو تہ روئي ٿو. ان کان پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن ٻئي آسمان تي پهتا تہ انهيءَ ساڳئي قسم جا سوال ۽ جواب ٿيا. (جيڪي پهرين آسمان وٽ ٿيا هيا) ۽ هر آسمان تي ڪنهن نہ ڪنهن پيغمبر سان سندن ملاقات ٿي. پهرين آسمان تي حضرت آدم عليه السلام ۽ ستين تي حضرت ابراهيم عليه السلام سان. اهڙي طرح حضرت جبرئيل عليه السلام پاڻ ڪريمن ﷺ جن کي حضرت ادريس عليه السلام وٽان وٺي گذريو. جنهن ڪين "مرحبا اي نبي صالح ۽ برادر صالح" چئي آڌر ڀاءُ ڪئي. جنهن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن سندن اسم مبارڪ معلوم ڪيو. جيڪو حضرت جبرئيل عليه السلام ڪين ٻڌايو اهڙي طرح حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام وٽ واقعو پيش آيو. جن ڪين نبي سڏي ۽ برادر صالح چئي مرحبا ڪئي، حضرت ابراهيم عليه السلام ڪين اي نبي ۽ فرزند صالح چئي سندن آڌر ڀاءُ

ڪئي. پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن ان مقام تي پهتا جتي قلم (قدرت) جي لکڻ جو آواز آيو پئي. ان وقت الله تعاليٰ سندن امت تي پنجاهه نمازون فرض ڪيون. حضور ڪريم ﷺ خدا پاران عطا ڪيل ان تحفي کي وٺي حضرت موسيٰ عليه السلام وٽ آيا ته حضرت موسيٰ عليه السلام ڪائنس پڇيو ته الله تعاليٰ اوهان سڳورن جي امت تي ڇا فرض ڪيو آهي؟ ته پاڻ ڪريم ﷺ جن وراڻيو ته پنجاهه نمازون ان بعد اها ساري گفتگو تي جو نيٺ پنج وقت جون نمازن تي پهتي جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪو آهي.

اهڙي طرح حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه، حضرت مالڪ بن صعصعه رضي الله عنه، حضرت ابي ذر رضي الله عنه، حضرت ابي بن ڪعب انصاري رضي الله عنه، حضرت بريده بن المصيب بن اسلمي رضي الله عنه، حضرت جابر بن عبد الله رضي الله عنه، حضرت حذيفه بن اليمان رضي الله عنه، حضرت ابي سعيد بن سعد بن مالڪ بن سنان الخدري رضي الله عنه، حضرت شداد بن اوس رضي الله عنه، حضرت عبد الله بن عباس رضي الله عنهما، حضرت عبد الله بن مسعود رضي الله عنهما، حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه، حضرت ابو هريره رضي الله عنه، حضرت عائشه رضي الله عنها، حضرت ام هاني رضي الله عنها جهڙن نهايت معتبر ۽ وڏن اصحابن سڳورن سميت ٻين به ڪيترن ئي صحابي سڳورن جون نهايت معتبر روايتون موجود آهن. جن مان پاڻ ڪريم ﷺ جن جي معراج جو چٽو چٽو ثبوت ملي ٿو. جنهن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو بيت الحرام کان بيت المقدس جو سفر مبارڪ جنهن کي قرآن ڪريم جي لفظن ۾ "اسراء" سڏيو ويو آهي ۽ بيت المقدس کان عرش عظيم پهچي، پنهنجي رب سان راز و نياز ونڊڻ جنهن کي معراج سڏيو ويو آهي، چڱي طرح ثابت آهي. انهن روايتن کي الامام الحافظ امام الدين اسماعيل بن ڪثير سندن تفسير ابن ڪثير ۾ تفصيل سان بيان ڪيو آهي. ان کان علاوه احاديث ۽ سيرت جي معتبر ڪتابن ۾ تفصيل سان اهي روايتون موجود آهن جن جي تصديق ڪندڙ ماڻهو حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جي جماعت ۾ شامل آهن پر انهن مضبوط معتبر ۽ واضح روايتن کي شڪ جي نگاهه سان ڏسندڙ انهن ماڻهن ۾ شامل آهن، جن معراج نبي ﷺ ۾ ان

وقت بہ شڪ ڪيو هيو جڏهن ان جو اظهار زبانِ رسول الله ﷺ کان ٿي رهيو هو.

معـراج نبـي ﷺ تفسير ابـن ڪثيـر، حجـة البالغـه، سـيرة النبـي ﷺ (شبلي نعماني)، ڪتـاب الاسـراء والمعـراج، صـحيح بخـاري، صحيح مسلم ۽ صحاح سته کان علاوه احاديث جي ڪيترن ڪتابن ۾ تمام گهڻو مواد موجود آهن. هن مقالي لکڻ وقت مذڪور بالا ڪتابن کان علاوه تفسير ترجمان القرآن، تفسير بيـان القرآن، تفسير احسن البيـان، تفسير معارف القرآن، تفسير عثماني، تفسير ضياء القرآن، تفسير ابن عباس، تفسير في ظلال القرآن، القرآن الڪريم مع ترجمه و تفسير، تفسير اشرف البيـان، تفسير اضواء البيـان، تفسير فيـوض البيـان، سيرت جي ڪتـابن محمد رسول الله ﷺ، اسوهٔ رسول ڪريم ﷺ، قصيده برده کان استفادو ڪيو ويو آهي. هي تحقيقي مقالو نہ سهي پر بقول ڀٽائي عليه الرحمة:

مُحَبَّتَ پائي مَنَ ۾، رَنديا روڙيا جَنِ،
تنِ جو صَرافَنِ، اَنَّ توريو ئي اَگهائيو.

واري محبت ڀري ڪوشش شامل ضرور آهي. الله قبول فرمائي (آمين)

# مصنف موصوف جي قلمي ڪاوش جو مختصر جائزو

**جام ڪوثر:** امام شرف الدين بوصيريؒ جي شهرهٔ آفاق تصنيف "قصيده برده" جو سنڌي ۽ سرائڪي ۾ منظوم ترجمو. لفظن جي لغوي معنيٰ ۽ سليس سمجهاڻي سان اهڙي طرح ڏنل جو عربي ڄاڻندڙ ۽ نہ ڄاڻندڙ هڪ جهڙو حظ حاصل ڪري سگهن.

**آب ڪوثر:** سر زمين سنڌ جي عظيم فرزند مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ٻن عربي قصيدن "اَغِثۡنِيۡ يَا رَسُوۡلَ اللهِ" ۽ "يَا سَالِكًا طُرُقَ الۡمَدِيۡنَةِ طَيِّبَةً" جو جام ڪوثر وانگر روان منظوم ترجمو. لفظي معنيٰ ۽ سليس سمجهاڻي سان نهايت پرڪشش انداز ۾ پيش ڪيل.

**موتي مرجان:** سنڌي، سرائڪي ،اردو، فارسي، ۽ عربي ۾ موزون ۽ عام فهم شاعري جو پنجن ٻولين ۾ علمي ادبي گلدستو. جنهن ۾ حمد، نعت، مرثيو، غزل، نظم، مسدس، مخمس، قطعات ۽ رباعيات جو دلپذير مجموعو موجود آهي.

**اکر اکر عشق:** سنڌي ٻوليءَ ۾ غزلن جو اهڙو گلدستو جنهن کي پڙهڻ سان هر قاري ائين محسوس ڪندو تہ هي سندس اندر جو آواز آهي.

**موتي مٽيادار:** حمدِ باري تعاليٰ ۽ نعت نبي ﷺ تي شامل سوزسڪ، عشق و محبت، ادب ۽ احترام جي ڀرپور اظهار جو شاهڪار. عاشقانِ رسول الله ﷺ لاءِ ناياب تحفو.

**آدابِ رسول الله ﷺ:** آيات قرآني، احاديث نبوي، اقوال ۽ آثار صحابه، ائمه دين ۽ عاشقان رسول ﷺ جي اقوال زرين سان سينگاريل ايمان افروز ڪتاب. هر مسلمان جي ضرورت.

**معراج النبي ﷺ:** شبِ معراج جي عظيم واقعي ۽ معجزي جي قرآن مجيد جي تفسيرن، احاديث جي روايتن، سيرت ۽ تاريخ جي مستند ڪتابن جي حوالي سان هڪ تحقيقي ڪاوش.

**گلزارِ حبيب:** نعتيه ڪلام، سنڌي ۽ سرائڪي زبان ۾ چيل مولود ۽ نعت جو محبت ڀريو مواد.

**حضرت علي (عليه السلام) جو نظام حڪومت:** باب العلم، خليفهِ چهارم حضرت علي عليه السلام جي اسلامي مملڪت لاءِ نازڪ دور ۾ ڪيل لازوال ۽ بي مثال نظام حڪومت جو ذڪر.

**سوزو ساز جا نغما:** نظم، قطعات، رباعيات، مخمس، مسدس جي شاعرانه صنفن ۾ بي شمار خوبين سان سهيڙيل اهڙو مجموعو جنهن کي پڙهڻ بنا رهي نٿو سگهجي.

**صحيفهٔ عشق:** اردو ۽ فارسي ڪلام جو غزل، نظم، ۽ قطعات تي مشتمل مجموعو. هن کان علاوه حضرت مولانا عبدالرحمٰن جاميؒ جي تصوف واري شاهڪار "لوائح (فارسي)" جو سنڌي زبان ۾ منظوم ترجمو سليس سمجهاڻي سان ۽ "اسلامي تصوف" نالي سان ڪتابن جو مواد آخري مرحلن ۾ آهي. اميد تہ عنقريب پڙهندڙن جي هٿ ۾ هوندو.

بَلَغَ الْعُلٰى بِكَمَالِهٖ

رسول عربي پنهنجي ڪماليت سان بلند درجي تي پهتا

كَشَفَ الدُّجٰى بِجَمَالِهٖ

سندن خوبصورتي سان اونداهي ختم ٿي وئي

حَسُنَتْ جَمِيْعُ خِصَالِهٖ

سندن سڀئي اخلاق مبارڪ سهڻا آهن

صَلُّوْا عَلَيْهِ وَآلِهٖ

توهان درود پڙهو پاڻ ڪريمن تي ۽ سندن اولاد تي

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ